ديوان سرشار

شاعر:

الله بخش 'سرشار' عقيلي

سنڌي ادبي بورڊ

سورھ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لھوارو لوڪ وھي ، تون اوچو وھ اوبار

صاحب خان ·سورھ· ميرائي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488

ديـوان سرشار

شاعر:
الله بخش 'سرشار' عقيلي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2006ع

Soorih Mirani

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو ڇهريون سال 2006ع تعداد پنج سؤ

قيمت: پنجاهه رپيا

[Price Rs. 50-00]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)

Email Address: sindhiab@yahoo.com

Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

چپائيندڙ پاران

شاعري پاڪيزه جذبن جي هڪ منظوم تاريخ آهي. جذبا رڳو خالي ۽ بي معنيٰ احساس نہ ٿيندا آهن. پر انهن احساسن ۾ هڪ پوري ڪائنات سمايل هوندي آهي ۽ اُن ڪائنات جا موضوع احساسن کان ٻاهر واري ڪائنات کان الڳ الڳ نہ هوندا آهن، پر اهي ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان هڪبئي سان لاڳاپو رکن ٿا. شاعر اهو تاريخدان آهي، جيڪو انهن ٻنهي ڪائناتن جا تسلسل پاڻ ۾ ملائيندڙ آهي. شاعر بہ انساني جذبن ۽ احساسن ۾ ٿيندڙ نت نين تبديلين ۽ واقعن کي هڪ تسلسل ۽ پيرايي ۾ محفوظ ڪري ٿو ۽ مؤرخ بہ ماضيءَ جي وساريل واقعن ۽ حالتن کي نت نَـين کوجنائن ذريعي حاصل ڪري انهن کي تاريخ جي هڪ تسلسل سان بيان ڪري ٿو. انهيءَ خيال کان هڪ تاريخدان ۽ شاعر جو مرتبو ساڳيو بيهي ٿو.

ان تسلسل ۾ اسان جڏهن ’ديوان سرشار‘ جو مطالعو ڪنداسين، تہ مٿي بيان ڪيل تمهيد اجائي محسوس نہ ٿيندي، ڇو تہ ’ديوان سرشار‘ ۾ شاعر الله بخش سرشار عقيلي انساني جذبن ۽ احساسن جي تاريخ نهايت بهتر ۽ دلپذير انداز ۾ رقم ڪئي آهي، جو مٿي بيان ڪيل تمهيد جو هڪ پختو دليل پئي فراهم ڪري. ’ديوان سرشار‘ ۾ پيش ڪيل شاعري بہ تاريخ جي موضوع وانگر ڪيترن ئي دورن جو هڪ دستاويز ۽ نچوڙ آهي، جنهن کي شاعر الله بخش سرشار عقيلي تمام پيار ۽ پاٻوهہ سان لکي تيار ڪري، نہ رڳو سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ وڏيڪ ’ديوان‘ جو اضافو ڪيو آهي، بلڪ شاعراڻي تاريخ ۾ هڪ بيش بها ڪتاب جو اضافو بہ ڪيو آهي. بورڊ هيءُ شعري ڪتاب شايع ڪري هڪ شاعر جي قرض لاهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

Soorih Mirani

هيءُ ڪتاب ’ديوان سرشار‘ جو ٻيهريون ڇاپو آهي، جيڪو قارئين حضرات جي هٿن ۾ ڏيندي دلي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. اميد ته ڪجي ته هيءُ ڇاپو پڙهي قارئين حضرات اسان کي پنهنجي مفيد مشورن ۽ صلاحن کان نوازيندا، ته جيئن هن ڪتاب جو ايندڙ ڇاپو وڌيڪ خوبصورت بڻائي سگهجي.

اعجاز احمد منگي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ
جمع ۹- ذي القعد ۱۴۲۷هه
بمطابق 1- ڊسمبر 2006ع

شاعر بابت ٻہ چار ڳالهيون

حاجي الله بخش "سرشار عقيلي" ولد حاجي حافظ محمد صديق عقيلي نٽويءَ جي ڪٽنب جي نسبت حضرت علي ڪرم الله وجه جي وڏي ڀاءُ حضرت عقيل بن ابي طالب رضي الله عنه ڏانهن آهي.

نٽي جي عقيلي ڪٽنب جو جد اعليٰ قاضي قاضن بن محمد قاسم هو، جو مغليہ نوابن جي زماني ۾ نٽي ۾ سڪونت رکندڙ هو، ۽ جنهن ڏانهن منسوب ٿيل هڪ ٿنڀ جو ڪجھ پڳل حصو اڄ تائين نٽي جي مولوي محلي ۾، عقيلي ڪٽنب جي گهرن جي پر ۾، يادگار طور قائم رکيو ويو آهي. هن جي نسل ۾ قاضي، مفتي ۽ مولوي تمام گهڻا ٿيا، جنهن ڪري اهو محلو ٿي "مولوي محلو" سڏجڻ ۾ آيو، ۽ اڄ تائين انهيءَ نالي سان سڏجي ٿو. "سرشار" جو ڏاڏو قاضي گل محمد بن محمد رفيع عقيلي، انگريزن جي اوائلي دور ۾ ڪجھ وقت حيدرآباد جي شهر ۾ قضا جي عهدي تي مقرر هو.

مولائي شيدائي صاحب پنهنجي ڪتاب "تاريخ بلوچستان" ۾ لکيو آهي:

"لس ٻيلي ۾ گهڻيون قومون آباد آهن، جن مان مکيہ قوم سما آهي. هن قوم جون ٻہ وڏيون شاخون آهن: هڱڙا رونجها، جي اڳ حاڪم هئا، ۽ ٻيا ڄاموٽ، جي هن وقت حاڪم آهن. مٿين ٻن قومن کان سواءِ ٻيون ٻہ وڏيون قومون: انگاريا ۽ شيخ ٻہ آهن. انگاريا اصلي بلوچ رهاڪن سان رليل مليل آهن، باقي شيخ اصلي عرب نسل مان آهن. سندن چوڻ آهي تہ اُهي حضرت عقيل رضي الله عنه جي اولاد مان آهن، ۽ عراق کان آيا آهن. اُهي پنهنجي بزرگيءَ ۽ ڪرامات جي ڪري مشهور آهن".

"سرشار" جو والد حافظ محمد صديق عقيلي، سنڌ جي اوائلي انگريزي پڙهيل مسلمانن مان هو، ۽ قائد اعظم محمد علي جناح جو اوائلي ڪلاس فيلو هو. پوءِ اُن وقت جي ڪراچي ضلعي جي روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ ٿيو، ۽ ڪراچي جي مختيارڪار مسٽر فرامروز پنٿڪيءَ وٽ رهيو، جنهن وٽ شمس العلماءُ ميرزا قليچ بيگ مرحوم پڻ اوائل ۾ رهيو. ملازمت سبب حافظ محمد صديق مرحوم جو رهڻ ڪراچيءَ ۾ ٿيندو هو، جتي 21 - جنوري 1907 عيسوي تي "سرشار" تولد ٿيو. حافظ محمد صديق مرحوم قرآن شريف جو حافظ، ۽ نماز روزي جو سخت پابند هو. "سرشار" سندس پهريون پٽ هو، جو پنهنجي والد جي

تربيت هيٺ پليو. سنڌي ٻاراڻي درجي کان وٺي ميٽرڪ تائين"سرشار" سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ پڙهيو. ۽ سنہ 1923 عيسويءَ ۾، سورهن سالن جو عمر ۾، ميٽرڪ پاس ڪيائين. سندس والد جو لاڙو ديني تعليم ڏانهن هو. جنهنڪري "سرشار" کي انهيءَ عرصي ۾ ئي خانگي طور سيد محمد ظهير الدين قادري مرحوم وٽ عربي پڙهڻ لاءِ وهاريائين. جنهن جو مکتب محلي جي کتري مسجد جهوني مارڪيٽ ڪراچيءَ ۾ هو. سيد صاحب، حضرت غوث اعظم رحمة الله عليه جي جيلاني ڪٽنب مان هو، ۽ بغداد کان ڪراچيءَ آيو هو.

"سرشار" کي ادبي ذوق اسڪول جي ئي زماني کان هو. سنہ 1920ع ۾، جڏهن سنڌ مدرسي ۾ چوٿون درجو انگريزي پڙهندو هو، سنڌي آکاڻين جو هڪ ڪتاب"رموزالنساء" نالي لکي پاڻ پنهنجي خرچ سان ڇپائي شايع ڪيو هئائين. سيڪڙن نموني جي شاعري بہ انهيءَ زماني ۾ ئي شروع ڪئي هئائين. ان وقت تخلص "فراقي" استعمال ڪندو هو. جو انهيءَ ڪتاب تي اهو ئي تخلص ڇپيل آهي. سنہ 1923ع ۾ "سرشار" جو ٻيو سنڌي ڪتاب"دعوتِ اسلام" نالي شايع ٿيو. جو اردو ڪتاب "فاطمي دعوتِ اسلام" جي هڪ حصي جو ترجمو هو. سنہ 1924ع ۾، حج جي احوال ۾ مناسڪ بابت "سرشار" جو ننڍڙ سنڌي ڪتاب"مناسک الحج" نالي شايع ٿيو. ساڳئي زماني ۾ اسلام جي پهرئين سپه سالار حضرت خالد بن وليد جي سوانح عمري سنڌيءَ ۾ لکيائين، جا سنہ 1929ع ۾ شايع ٿي.

سنہ 1923ع ۾ "سرشار" ميٽرڪ پاس ڪري، ڪراچي جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ اعليٰ تعليم لاءِ داخل ٿيو، جتان سنہ 1927ع ۾ بي. اي. جو امتحان فارسيءَ جي اعزاز سان(بي. اي. پرشين آنرس) پاس ڪيائين. ڪاليج جي انهيءَ زماني ۾، "سرشار" سنڌي صحافت ۽ شاعريءَ ۾ زياده حصو ورتو. ان زماني جي اڪيلي سنڌي قومي اخبار "الوحيد" ۾ لاڳيتو چار سال سب ايڊيٽر ٿي رهيو. سندس اوائلي سنڌي غزل، نظم ۽ ادبي مقالا، انهيءَ زماني ۾ روزانہ "الوحيد" ڪراچي، ماهوار رسالي "توحيد" ڪراچي، رسالي "الحافظ" حيدرآباد، رسالي "الجامع" ڪراچي، 'سنڌ ڪاليج مسيلني' ۽ 'سنڌ مدرسہ ڪرانيڪل' ۾ شايع ٿيندا رهيا.

سنہ 1927ع ۾ بي. اي. پاس ڪرڻ بعد، سنہ 1928ع ۾ "سرشار" روينيو کاتي ۾ ملازمت ۾ گهڙيو. پنج سال تعلقي هيڊمنشي رهيو. سنہ 1933ع کان مختيارڪار ٿيو، ۽ سنہ 1946ع کان ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو.

سنہ 1942ع کان سنہ 1945ع تائين ڪراچيءَ ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو چيف آفيسر ٿي رهيو. ۽ ان زماني ۾ "راجڪمل ميوزڪ ڪلب" (ڪراچي) جو وائيس پريزيڊنٽ ٿي رهيو. "سنڌي راڳ جي مختصر تاريخ" انهيءَ زماني جي تصنيف آهي. ساڳئي زماني ۾ "سنڌ ائسٽرانآميڪل سوسائٽي، ڪراچيءَ" جو ميمبر ٿي رهيو. ۽ "علم هيئت" بابت سنڌي تصنيف اُن زماني جي يادگار آهي.

سنہ 1950ع کان 1954ع تائين "سرشار" ڪراچي شهر جو سٽي ڊپٽي ڪليڪٽر هو. ۽ ان وقت هڪ هنڌ رهڻ سبب وري بہ ڪيس ادبي سرگرمين جو موقعو مليو. آڪٽوبر 1950ع ۾ چند احباب گڏ ڪري هڪ ادبي جماعت جو پايو وڌائين. جنهن جو نالو "محفل احباب ڪراچي" رکيو ويو. سنہ 1950ع کان 1955ع تائين، لاڳيتو پنج سال، "سرشار" 'محفلِ احباب' جو پريزيڊنٽ ٿي رهيو. انهيءَ محفل جو "جمعيت الشعراءِ سنڌ" سان پڻ الحاق ڪيو ويو. ۽ نومبر 1951ع ۾ 'جمعيت الشعراء' جي 'ٻارهين سنڌي ادبي ڪانفرنس، دادو' ۾ 'محفلِ احباب' جي وفد پڻ شرڪت ڪئي. انهيءَ اجلاس ۾ "سرشار" کي 'جمعيت الشعراء' جو وائيس پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. انهيءَ وچ ۾ ڀٽ شريف جي ساليانی ميلي تي بہ ادبي ڪانفرنسن جو سلسلو شروع ٿي ويو هو. ان ۾، ۽ "انجمن علم و ادب"، "بزم سخن، جهوڪ شريف" ، "بزم بسمل، ٽنڊومحمدخان" وغيره جي ساليانہ ادبي ڪانفرنسن ۾ "محفل احباب" جو وفد "سرشار" جي سرڪردگيءَ هيٺ شرڪت ڪندو رهيو.

فيبروري 1952ع ۾ "سرشار" جو هڪ ننڍڙو ٽريڪٽ موجوده صورتخطيءَ بابت شايع ٿيو تہ اهو عام نظريو غلط آهي تہ ڪو سنڌي جي موجوده صورتخطي انگريز حڪومت جي مرهين منت آهي بلڪ ٽي سؤ سال اڳ اسان جي ئي بزرگن اُهي اصول واضح ڪيا هئا، جن موجب، نقطن جي تعداد وڌائڻ ۽ انهن جي ترتيب ۾ بدل سدل ڪرڻ سان، سنڌيءَ جي خالص حرفن جي صورتخطي ترتيب ڏني ويئي.

نومبر 1955ع ۾ ڪراچيءَ ۾ 'سرشار' "سنڌي لائبريري" جو پايو وڌو ويو. ۽ اُن جا قانون "سرشار" ڇپائي شايع ڪيا، جن ۾ انهن اصولن جي وضاحت ڪيل آهي، جي هڪ خالص سنڌي لائبريريءَ لاءِ موجوده دور ۾ لازمي سمجهڻ گهرجن.

فيبروري 1956ع ۾، سروري درگاهہ هالا جي قديم دستور موجب، منٺار فقير راڄڙ جي مقبري تي (ڳوٺ ڪاٺي راڄڙ تعلقي ڪپري ۾)،

حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جي ان وقت جي سجاده نشين حضرت مخدوم محمد زمان صاحب"طالب الموليٰ" ، سروري جماعت جي سيني مکيه ماڻهن ۽ خليفن جي هڪ مخصوص ميڙ ۾، "سرشار" فقير کي خلافت جي لونگي عطا ڪري"خليفه" جو درجو تفويض ڪرڻ فرمايو. ذالک فضل الله يوئيه مَــنَ يَشَــاءُ. "سرشار" فقير پنهنجي ذاتي ذوق ۽ ميلان سان هن"سروري سهروردي" سلسلي ۾ بيعت ٿيل هو، ۽ سروري جماعت جي "ذاڪرن" ۾ داخل ٿيو. "ذڪر سروري"، "تذڪره سروري"، "آبِ سرد، تذڪرهٔ سروري"، "آبِ سرد، تذڪرهٔ سلسلهٔ سهرورد" - آهي "سرشار" فقير جون هن سلسلي بابت تصنيفات آهن.

" سنڌي ادبي بورڊ" پهريائين سنڌ سرڪار جي هڪ محڪمي جي شاخ هو. 14 مارچ 1955ع تي سنڌ سرڪار هڪ ٺهراءُ جي ذريعي ان کي Autonomous 'body' يعني هڪ خود مختيار اداري جي شڪل ڏني، ۽ اِن وقت کان "سرشار" به هن بورڊ جو ميمبر مقرر ٿيو، ۽ ان جي انتظاميا ڪميٽي تي به چونڊيو ويو. 20 نومبر 1955ع تي 'سرشار' "شاهه لطيف يادگار ڪميٽي" تي ميمبر ڪيس چونڊيو ويو، ۽ پهرين سيپٽمبر 1957ع کان جڏهن اهو ادارو باقاعدي جوڙجڪ هيٺ "يادگار ڪائونسل" جي نالي سان ٺهيو، تڏهن "سرشار" انهيءَ ڪائونسل جو ميمبر، ۽ ان جي انتظامي ڪميٽيءَ تي ميمبر، ۽ رسالي "يادگار لطيف" جي ايڊيٽوريل بورڊ تي ميمبر چونڊيو ويو.

سنه 1956ع ۾ "سرشار" سرڪاري ملازمت تان رٽائر ٿيو. 15 - جنوري 1972ع ۾ وفات ڪيائين ۽ ٺٽي ۾ مدفون ٿيو. هن جي جمڻ جي پيدائش 21 - جنوري 1907ع ٻڏائي وجي ٿي. "سرشار" هڪ سٺي شاعر، اديب ۽ نثر نويس سميت هڪ سٺو ۽ مخلص انسان به هو. سندس ڪيل علمي ۽ ادبي خدمتون شاندار آهن. هو شاعريءَ ۾ غزل جي صنف جو معتبر شاعر هو. سندس لکيل غزلن جو ديوان بورڊ ڇپي 'سرشار' جي پورهئي کي پيٽا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اميد ٿي ڪجي، ته لائق پڙهندڙن کي هيءَ اسان جي ڪوشش وڻندي.

سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو — دين محمد ڪلهوڙو

12 - ڊسمبر 2006ع

غزل

نوشيروان جي ڳالھہ، نہ چنگيز خان جي ڳالھہ،
مُون کان ٻُڌي تہ کو ٻڌي عشقِ بُتان جي ڳالھہ.

سکھہ آهي کانہ کا هـِن ٻي سکھہ زبان ۾،
هـُن کي ٻُڌائي کيرَ دلِ ناتوان جي ڳالھہ.

هـُن آسمانِ حُسن جو جلوو جي کو ڏسي،
کنهن سان وري کَري نہ اُهو کهکشان جي ڳالھہ.

صحرا جي ڌو غُبار ۾ هـُن جو جـُنونَ اُڏي،
مجنون کي کنهن سُڻائـِي وڃي کاروان جي ڳالھہ.

هـُن جي حريمِ ناز ۾ هک زلزلو پيو،
ديوار و در سان مون جو کئي پاسبان جي ڳالھہ.

"سرشارِ" خَستہ جان جـِي خبر زخمِ دل کان پـُڇ،
"ڇا ڻو پـُڇين اي دوست اسان کان اسان جي ڳالھہ".

(کراچي 24- سيپٽمبر 1955ع)

غزل

هرگز نہ دل جي بستي، ويران ٿي سگهي ها،
جي يارَ ڪجهہ اسان وٽ، مهمان ٿي سگهي ها.

مُنهنجي ڪُسڻ جو قاتلِ سامان ٿي سگهي ها،
مون تي بہ هڪ اوهان جو احسان ٿي سگهي ها.

تُنهنجي هجي اسان تي ڪجهہ ڪا نظر ڪَرَم جي،
مشڪل رهي نہ مشڪل، آسان ٿي سگهي ها.

جڏهن علاج آهي موجود هر مرض جو،
دل جو بہ ڇو نہ ڪوئي درمان ٿي سگهي ها.

تون ساڻ جي ڏِيئن ها دل جو اي جانِ شيرين،
فرهاد تيشہ زن ٿي قربان ٿي سگهي ها.

سيلابِ اشڪ کي مون روڪي وڌو وگرنہ،
جذبات جو هڪ طوفان ٿي سگهي ها.

بيمار جو تدارڪ جنهن مان طبيب وِرچيا،
ان جو علاج توکان اي جان ٿي سگهي ها.

"سرشار" مون تہ ورتي سيد جي سَام ورنہ،
عشقِ بُتان جو مون تي بُهتان ٿي سگهي ها.

(ڪراچي 24- جولاءِ 1952ع)

غزل

اسان تي به ڪو عشق الزام ٿئي،
نه گمنام ڇڏ ڪو نه ڪو نام ٿئي.

اگر ناهه ساقي بلورين ظرف،
نه ڪر جو پيالو ڪري جام ٿئي.

خدا لڳ ته چپ چور اي خوبرو!
پيو ڪجهه نه پولين ته دشنام ٿئي.

پلي ان ۾ گهر ڪي ٿي گهاٽو هنجي،
مگر چاپلوسن تي انعام ٿئي.

جي ليڊر!! سمهارين تون طفلانِ قوم!
ته جيسين ڪري ٻار آرام ٿئي.

گريبان و دامن ڪري تار تار،
ڪرين حج ته "سرشار" احرام ٿئي.

(ڪراچي 10- جنوري 1953ع ڪرفيو وقت)

غزل

غير سان تُنهنجي رَهي ٿي روز شب محفل الڳ،
شَمع رُو! پروانہ جيان، مُنهنجي پَچي ٿِي دل الڳ.

تار تار آهي گريبان عشق جي ناموس جو،
آهہ دامن جي بہ حالت ديد جي قابل الڳ.

تو ڪنئي اک مان ڪُنس ڪم خنجرِ اَبرو ڪيو،
ڪڻ نَظَر اَبرو هَٽي، خَنجر تہ ڪَر قاتل الڳ.

ڪا تہ آهي جنس هڪجهڙي ڪَري ٿي جا ڪشش،
سوزشِ پروانہ آهي شمع ۾ شامل الڳ.

ٿُوهہ وانگر عشق سُهڻو ٻاهران، اَندر ڪَڙو،
صبر جَي چاقو سان ڪَر ٻَجي ڏار، ڇِلڪو ڇِل الڳ.

هُن ڪي بزمِ نازِ ۾ "سرشار" هيئن ڪَنَ ۾ چيو،
ڳالهہ مون سان ڪر اشارن ۾ ءِ دلبر مِل الڳ.

(حيدرآباد 26- ڊسمبر 1954ع)

غزل

سڀ ڇڏي سگ ڇو ڪَيئي دلِ حُسن جي سرڪار سان سگ،
نِيهن ناتو آهي اوکو، رک سنڀالي يار سان سگ.

هِن محبت جَي مکڻ مان وار نڪري، سو مَحال،
وارَ هر ڪنهن جو رهي ٿو تنهنجي ساٽي وار سان سگ.

پِرت جو بوجهو بَنائي ٿو اَميرن کي حَمير،
ڪَر ڪڏهن ٻي تون نہ پُلجي هِن برهہ جي بار سان سگ.

چال اُوکي حُسن بازي، جِيت جو ڇڏ آسرو،
هارَ کائيندين، رکين ٿو هُن هنئين جي هار سان سگ.

عشق جَي درياءَ جي مَوجُن ۾ تارُو ٿو ڪپي،
جَي تَري ڇاڻين نٿو، تون ڪر نہ تانگَي تار سان سگ.

مون کي اي "سرشار" ڏوکو ڪونہ ڏِئي سگهندو ڪڏهن،
خوش نصيبي سان ڪيو حاصل مون پرين جي پار سان سگ.

(حيدرآباد 1954ع)

غزل

تفاوت ناھ جَي ڪنھن وٽ ھُجي ڪو مال ڪک يا لـک،
رھي ٿو عشق ۾ ھرڪنھن جو ساڳيو حال ڪک يـا لک.

تـَفـَـڪر ۾ گذارڻ ھڪ گھڙي پڻ ملھہ مھـانگو آھـ،
جيڻ ھر حال ۾ بنجي ٿو ھڪ جنجال ڪک يـا لک.

ھُجي ناٿو ته پوء ٿوري گھٽي سان ڪو غرض ناھي،
اُھوئـي دردِ سـر آھـي جـو پيـو سنڀال ڪک يا لک.

نہ ڪنھن جو پيٽ پربو، سون، چاندي سڀ اتي رھندا،
جو ڪافي پيٽ جي لئي آھہ روٽـي دال ڪک يا لک.

اچا ڪجھ پيو بہ گھرجي ٿو، رڳو دولت نـہ سيڪجھ آھہ،
ھـَٿين خالي وَڃَـي ھرڪو ھـِتان ڪنگال ڪک يا لک.

تونـگر ۽ گداگـر ۾ نـہ فـرق آھـي گھـٽـو "سرشـــار"،
ٻَـلي خالي ڪُـلھي تي ھَـل رکي رومـال ڪک يا لک.

(ڪراچي 1953ع)

غزل

نہ هرجائي ٿي اي سهڻا، نہ سونهن جو ڪر سهانگو اگهہ،
جو آهي حُسن خود بي مُلهہ ۽ وڌ ۾ وڌ مهانگو اگهہ.

نہ آهي عشق جهڙي ٻي ڪا اڻ لڀ شيءِ، تہ اي عاشق،
اُتي ڏي آڇ اڻ لڀ جي، جِتي سِرَ جو تون سانگو اگهہ.

برهہ بازار ۾ ڪجهہ دال سَڌڙي جي نہ ڳرندي، جو،
اگهاڙو پاڻ آهي سو چُڪائيندو ڇا نانگو اگهہ.

ڪرڻ سئودو نہ سولو آهي سڪ جو رک سنڀالي پير،
گهُري ٿو سر سڄڻ، آهي اِهو عاشق اٽانگو اگهہ.

خدا جي گهر ۾ هر شاهہ و گدا ڪي سڏ ٿيو رَي ناٽي،
نمازي ڪي نِدا ڏيئي بُڌائي ٿو نہ بانگو اگهہ.

سڄڻ جي سات ۾ "سرشار" تڏهين تون اگهي ويندين،
گهِڙي پَوءِ سِيرَ سڪ ۾ ۽ جِڏي سڀ تار تانگو اگهہ.

(ڪراچي 1953ع)

غزل

اُچِي جو حُسنِ ازل کي ٿيو نَمُود جو شوق،
فريبِ حُسن ويو بنجي تڏهن وجود جو شوق.

اگرچہ قطرۂ دريا گهڙي جو کيل آهي،
حُباب کي بہ رَهَي ٿو نہ هست و بُود جو شوق.

ٿو تُنهنجو نسل تہ آدم رکَي خيالِ بهشت،
اگرچہ خُلد ۾ توکي نہ هو خُلود جو شوق.

هُجي هو سنگِ درِ يار ۾ هِي پيشاني،
جَبين کي آهہ درِ يار تي سُجود جو شوق.

نہ مال و زر جِي ضرورت رَهَي ٿي مؤمن کي،
نہ مال ميڙ تون اي دل اهو يهود جو شوق.

هِي تَنَ تنبور ٿيو ۽ رڳون رباب ٿيون،
مِليو جو ورثي ۾ "سرشار" کي سُرود جو شوق.

(کراچي 1953ع)

غزل

زندگــي آهــي ســُــريلو ســاز هــڪ،
حـــالتِ آواز. بـــــي آواز هـــڪ.

جلوهـ گــر آهــي اُهــو هــر جــاءِ تــي،
ديــر جــو تــوڙي حــرم جــو راز هــڪ.

يادگـــارِ مـــوت آهـــي هـــر مـــزار،
ٿــو اُچــي هــر قــَـبر مــان آواز هــڪ.

ڳالهـ مــُـنهنجي ۾ اشــارو غيــر ڏي،
هــي بــ آهــي حــُـسن جــو انــداز هــڪ.

ٿــا ٻــُـڌائن قصئــِ فرهــاد وَ قيــس،
عشــق جــو انجــام هــڪ آغــاز هــڪ.

نــاز پــرور جــا بـ ڪٽبــا نــاز ڇــو؟
نــاز آهــي عشــق جــو اعجــاز هــڪ.

اُڏ تــ مــاٿين تــون بـ معــراجِ خيــال،
اي بــُـراقِ طــَـبع ڪــر پــرواز هــڪ.

ڪَٿين قــَـلندر ٿي ويا "سرشار" جيئن،
گــرچ آيــو ســنڌ ۾ شــهباز هــڪ.

(ڪراچي 5- سيپٽمبر 1953ع)

غزل

دل تي فراقِ يار جا آهن هزار داغ،
هڪ داغ چند ۾ ته هِتي بيشمار داغ.

چيڙين ٿو ذڪرِ يار ته صدمو ٿئي ٿو، آهه!
اي همنشين نه پُڇ، نه وڌائي ٻه چار داغ.

بي روشني هُجي نه هُجي، هِي ته ٿا ٻرن،
قِنديل مِثل برسرِ لوحِ مزار داغ.

اي داغدار نرگسِ باغِ خيال چَئو،
جُز هجرِ يار ڀي ڪَي ڏِنئي داغدار داغ.

ڏوٿي مِٽن، علاج مِٽائي، مِٽائي وقت،
پر هي مِٽائي ڪير بَجُز وصلِ يار داغ.

"سرشار" فصل گُل جِي خوشي جو رکي، رکي،
پر مون خِزان نصيب جِي آهن بهار داغ.

(ٽنڊو محمد خان 20- آڪٽوبر 1953ع)

غزل

اگرچہ ھر دَير و حَرَمَ سان آھہ ٿي مانوس شَمع،
ٿي دلِ عاشق ۾ ٻاري ھڪ ٻيو فانوس شَمع.

لاٽ جي جڀ ۾ ڪري ٿي روشني سيکجھ ڏِسي،
بزمِ جانان ۾ رَھي ٿي ھر گھڙي جاسوس شَمع.

جان ڏيئي ٿي پتنگن شَمع کي ھِن پر چيو،
تون اسان جِي پاسبانِ عِزت و ناموس شَمع.

شمع جي چوگرد پروانن جا پَرَ ايذا ڪريا،
جامۂ حد چاڪِ پَرَ سان ٿي وئي ملبوس شَمع.

رات جو ھو چھچٽو ۽ صُبح جو ھو گُل چراغ،
بزم جي رونق وئي ۽ ٿي وئي مايوس شَمع.

جان و دِل ھُن شَمع رُو تان جنھن گھڙي ٿي ويا فدا،
مون بہ اي "سرشار" پنھنجي دل ۾ ڪَئي محسوس شَمع.

(ڪراچي 1953ع)

غزل

مُنهن خزان ڏي فصلِ گُل جِي اي چمن شهرت غلط.
چند روزه ڇهڇٽي جِي ڇو ٿو ڏين دعوت غلط.

سِک ۾ سيکجھ تون سَھِي وڄ کين اي دِل چور چپ،
يار سان تڪرار ڪوڙو، يار سان حجت غلط.

نيشه زَن ٿي نانگ وانگي جان وَرتائين ته ڇا؟
زلفِ عنبر بار جِي عي ڪنهن ڪَٿي قيمت غلط.

راھ ۾ دامن ته پُرزا ٿيو گريبان ڇو بچي،
نزدِ محمل وٽ اِهو رُخ تون نه اي وحشت غلط.

جنهن نمازي قبله رُو ٿي ڪٽڪ جي ماني گُهري،
ڪين ڪعبه تائين پهتو، ڇو ته هُئي نيت غلط.

پيٽ سانگي پي نه اي "سرشار" دِل دنيا ۾ ڊر،
پوءِ ٿوري يا گهڻي، پَر غير ڏي رغبت غلط.

غزل

وِڃايم واٽ غفلت سان نہ ڏِس تون مون وِلهي جو وڙ،
سڄڻ ڏسَ پار ڏيئي پاڻ ڪر ڪو رَهبري جو وڙ.

مَڃيان ٿو مون نباهڻ جي نہ بيشڪ رِيت ڄاتِي، پر،
سَڄَڻ سائين سَڄاڄها تون سُڃاڻج دوستي جو وڙ.

نہ آهي ڪا سَهَڻ جي سَگهہ چوي ٿو عشق پر مون کي،
"ڏيڻ دلبر کي ڏوراپا نہ آهي عاشقي جو وڙ".

سوا چَرئي ٿيڻ جَي پيو نہ حِيلو ڪو سُجهي مون کي،
ڏِسان ٿو آزمائي قَيس جِئَن ديوانگي جو وڙ.

نِڪمن کي بَنائي ڪارگر ٿو عشق جو جذبو،
نہ ڄاڻن ٿا ڪا پردازي نہ ڪو ڪاريگري جو وڙ.

اگرچ ميڪشن جهڙو نہ وڙ "سرشار" ۾ ڪوئي،
خدا ڪارڻ مگر ساقي نہ ڇڏ ساقي گري جو وڙ.

(ڪراچي 4- اپريل 1953ع)

غزل

دل جو ڌڙڪڻ، درحقيقت، آهه دلبر جـي تـلاش،
"جوهري کي ٿي رهَـي هر وقت جوهر جي تـلاش".

عقل سان اسرار ڳولڻ "سَعي لاحاصل" مثال،
جئن پري ڏاڍو پيل، ۽ مرغ جي پَر جي تـلاش.

مهه لقا! توکي رقيبن جي پڇا سونهي نٿي،
مُشتري تا رد ڪَري ڇاڪاڻ ڇنڇر جي تـلاش.

قيد کان باهر نٿي وحشت ڏنو مون کي ويهڻ،
۽ رهي زندان ۾ ديوار ۽ در جي تـلاش.

چشم تر منهنجو ڏسي ٿي ديدهٔ شبنم رُنو،
مون ڏسي شبنم کئي ٿي ديدهٔ ترجي تـلاش.

سَي ڪندا "**سرشار**" ڪنهن پَر خيرو شر ۾ امتياز،
عمر ساري جن جو آهي مشغلو شَر جي تـلاش.

(ڪراچي 3- مئي 1952ع)

غزل

جــئن ويِــر بيــٺ ھــوڙي ٿــي ســاحل جــي آس پــاس،
تــِــئن دردِ دل ٿــو دور كــري دل جــي آس پــاس.

ھــُــن ٿــي سنواريا زُلــفَ، ۽ رخســار تــي ھــو ھــٿ،
مشكل جو حل جئن ڳولــي كو مشكل جي آس پاس.

كاٺــا پتنــگ، پرســـي نشاني چــڏي ويــا پــَــرَ،
محفل كان ڏور كجھ تــہ كــي محفل جي آس پاس.

لــَـيليٰ جــي رُخ تــي ڏارَ ھــو پــردو پيــو مـــگر،
يــِــنڪيو ٿــي قيس پــردۂ محمــل جــي آس پــاس.

بي چارگيءَ تي اُن جي ٿي قــُــدرت كــي كــلَ اَچي،
مــنزل وِجــائي جنھــن ھــُــجي مــنزل جــي آس پــاس.

"سرشار" تــُـنھنجو شــِـعر عيوبِ سخن كــان پــاك،
چمكــي جئــن آســمان تــي كــاملَ جــي آس پــاس.

(كراچي 7- فيبروري 1953ع)

غزل

گُوندرن گڏجي ڪَئي گرنار سان مُنهنجي رهاڻ،
ساز ساٿي، حال محرم يار سان مُنهنجي رهاڻ.

نِينهن نس نس ڪئي سُريلي راڳ رڳ رڳ ۾ پيو،
تَن تنبوري تار وانگي تار سان مُنهنجي رهاڻ.

سِرَ جي بازي هُئي، ڏنم سر هيج مان هارايو مون،
جِيت سان هر ڪوڙ ڪي پر هار سان منهنجي رهاڻ.

نير نَيڻَن مان وَهي ٿو، نار جڻ ڪنيات جي،
هِڻ ٿئي ٿِي هُن هِنئين جي نارَ سان منهنجي رهاڻ.

ٻول ٻيجل آهه تو سان، سَو ٻَري پَرندوئي پَرَ،
ڪا گهڙي ڄڏ ٿِئي ڪِلِي ڪنگهار سان منهنجي رهاڻ.

"لا الہ" لاهي ڪَيا "سرشار" سڀ پردا پَري،
هاڻ "اِلا اللهَ" جي اِقرار سان منهنجي رهاڻ.

(ڪراچي 2- جولاءِ 1955ع)

غزل

سچڻ جو مون ڏي هو موڪليو سو اگرچہ هو هڪ سفيد ڪاغذ،
چُمي اکين سان رکيم جو ڪَنَ تي مون کي بخشي نويد ڪاغذ.

نشان هِن ڳالهہ جو جو اِهو هو تہ ڪاغذي لب سچڻ جا آهن،
سُفيد ٿي صُلح جي نشاني ڏياري اِهڙي اُميد ڪاغذ.

مٿي دونالي ٿا نيڻ چمڪن تہ هَيٺ هِي ڪارتوس قابو،
بَچَي جو تيرِ نظر کان اُن جَي، اُهو ڪَري ٿو هِي صيد ڪاغذ.

هو زيرِ لب آهہ جو زنخدان سو آهہ عاشق جي ڪاڻ زندان،
وَڃِي ٿو چاهہِ ذقن ۾ پُوري ڪري ٿو دل کي هي قيد ڪاغذ.

ذريعہءِ زار و نياز ٿيا لب وسيلۂ دلنواز ٿيا لب،
اِنهن ۾ اِهڙي ئي رمز آهي بُڌائي جنہن ڪوئي پيد ڪاغذ.

شَفا جا نازڪ لَبَن ۾ "سرشار" آهہ سا چو نہ جڳ جِياري،
اِهَو ئي نُسخو تہ هو اُنهي ۾، لکيو جو حضرت جنيد ڪاغذ.

(ڪراچي 1953ع)

غزل

شرابِ عرفان جو شيخَ توکان نہ ٿي سکھيو اھتمام شايد،
تڏھين ٻين جي بہ واسطي تو ڪيو اِنھي کي حرام شايد.

مراقبہ ۾ ڏسان ٿو جلوو اُھو پڻ جي امام ھيڪر،
تہ بيخودي ۾ وَڃي وِساري رڪوع سجدو قيام شايد.

ٻُڌائي سچ سچ اي باغبان اڄ ڪَلِي ڪَلِي مست ڇو ڏسان ٿو،
ھِتان ويو پيرڙا گھمائي ھُو يار مستِ خرام شايد.

ھِي ھفت افلاڪ ۾ ستارا، غروب ٿي جو طلوع ڪن ٿا،
اُھي بہ حُسنِ ازل کي ھرھر جُھڪي پيا ڪن سلام شايد.

دلِ حزين نيٺ ڪجھ تہ آھي جو ڪالھ کان ھي ڦڙھي پيئي اک،
اميد آھي تہ يار جو ڪو اُچِي وَڃي اڄ پيام شايد.

نوازشون غير تي ھُجن پل، مگر اِھو پڻ يقين آھي،
نہ پَير اُت ھُو رکي سگھن جِت جُھڪائي سَرھي غلام شايد.

فقيھہَ فرسوده علم جا سڀ تلاوَ آھن سُڪائي ڇڏيا،
اُميد آھي لِھي وڃي ھاڻ ڏيڏريءَ کي زُڪام شايد.

نہ جُرئتِ رند ۾ تحرڪ نہ خطبہ شيخ ۾ حرارت،
اِچي ويو ھَم نفس ھِي قومي حيات جو اِختتام شايد.

حياتِ گندُم جي رَس پِيڻ سان زمين تي آدم ھو آيو "سرشار"،
عجب ھِي ساقي گَري ھَلي ٿو اجا اُھو دورِ جام شايد.

(ڪراچي 8- جنوري 1953ع)

غزل

گيسوئي خمدار ۽ رخسار تي ويا کير کند،
گڏ ٿيو تسبيع سان زنار تي ويا کير کند.

هڪ زماني کان سفيدي ۽ سياهي پئي لڙيا،
شُڪر آهي جو اڄ لَتو تڪرار تي ويا کير کند.

هُن جي بزمِ ناز ۾ مون کان سوا پيا سڀ هوا،
صلح ٿي جو يار ۽ اغيار تي ويا کير کند.

آئيني ۾ هُن ڏسي سينگار پنهنجو هٿن چيو،
گهر ڏٺي سان گڏ ٿيو گهر بار تي ويا کير کند.

مَشق ٿيندي ٿيندي وَيئي تيغِ ابرو تيز ٿي،
اَبرو ٿي خمدار ۽ تلوار تي ويا کير کند.

خود بخود "سرشار" هُو آيو عيادت لَئي هَلي،
خود مسيحِ وقت ۽ بيمار تي ويا کير کند.

(ڪراچي 1953ع)

غزل

مون ڇيو شب وِصال آهي قيل و قال ڇڏ،
هُن ڇيو پيو ڪِي گهُر وِصال جو سوال ڇڏ.

شَمع جي قريب ڇو پتنگ ٿو وڃي پَرين،
رَهه پَري، جمال ڏِس، ۽ نيتِ وصال ڇڏ.

عشق ۾ روا نه آهه ڇِلو لائي، وِسوسو،
”يه“ سان لڳائي دل ۽ غَير جو خيال ڇڏ“.

عندليب! ڇو مَلُول تون رهين بَهار ۾،
پَڃ قَفَس جِي ميخ مبخ، گوشهِ ملال ڇڏ.

مون ڇيو ويال آهه عشق يار هيئن ڇيو،
ڇو نٿو ڇَڏين پلا ڇَڏي به ڏي ويال ڇڏ.

داغِ دل پلي هَجي ته يادگار حُسن و عِشق،
ڇڏ پَلي رِستي ڇڪَي، خيالِ اند مالَ ڇڏ.

نَائَي نَيئَ دِل نهار تو ۾ ئي ته يار آهه،
شَرق و غَرب نَاهه ڪٿ جنوب ڇڏ شمال ڇڏ.

مون ڇيو ته سالِ نَوَ ۾ عهد نَوَ ڪرڻ ڪَپي،
هُن ڇيو ”الله بخش“! بس اِهو به سال ڇڏ.

(ڪراچي 5- فيبروري 1952ع)

غزل

وطن ۾ گرچہ هرڪو ٿو رکي اهلِ وطن جو ڏڄ،
مگر مون جئن رهن پرديس ۾ ڇا آهہ تن جو ڏڄ.

قَفَس ۾ بند بُلبل ڪيئن خزان جا ڏينهن گهاريندي،
جو هُن جي خود بهاري آهہ نظارہٓ، چمن جو ڏڄ.

جيئڻ جي لاءِ تَن مَن جو سهارو ڪونہ ڪو گهُرجي،
گذاري ڪئن اُهو جنهن کي نہ تن جو ڏڄ نہ من جو ڏڄ.

ڏني تيشہ زني ۾ جانِ شيرين ڇو تو اي فرهاد،
جو شيرين جو جيا۾ خود هو پنهنجي ڪوهہ ڪَن جو ڏڄ.

بهار باغِ دنيا سان نہ منهنجو ڪو تعلق آهہ،
گُلن کي ڇا ڪريان مون کي جو آهي گُلبدن جو ڏڄ.

ٻُڌي ڪو شاعري مُنهنجي، ٻُرو سمجهي، ڀَلو سمجهي،
مگر مون کي تہ اي "**سرشار**" آهي حُسنِ ظن جو ڏڄ.

(ڪراچي 1953ع)

غزل

اڄ ڪري وٺ جو ڪَرين ڪم ڪار ڏَڄ،
سو سُيان هوندو نه جيڪي آهه اَڄ.

ڪو زليخا جٿن متان پويان پوئي،
مِصر جَي بازار مان پورا تون پَڄ.

قيس جون بس فَرش تي اکيون ويون،
پردهٔ محمل! خدا لڳ، هاڻ ڪَڄ.

سُور سَختيون سهه ته سوپارو ٿئين،
پرت ۾ ڪُجهه پوسڻ کان پوءِ پَڄ.

رات ڏينهن جو ڪنهن ڪيو هي رابطو؟
زال ڪاري پر چَڱي، ۽ مڙس رَڄ.

بي سُرو "سرشار" ڪِهڙي ڪم اچي؟
ٿي سُريلو ساز پهرين پوءِ وَڄ.

(ڪراچي 4- سيپٽمبر 1955ع)

غزل

ٿي سَڏّي اي دل نگاهہِ يار چَئو کھڙي صلاح،
تيغِ آبرو ٿي ڪري پر وار چَئو کھڙي صلاح.

ڪُوچۂ رُسوائي جو ڪر سير تاب حُسن رک،
طور تي ٿي تو ٿئي ديدار، چَئو کھڙي صلاح.

برھہ ۾ بوجھا پيا پڻ ڪيترا، پرتن سان گڏ،
ڪَڻ خُواريءَ جو بہ اي دِل بار چَئو کھڙي صلاح.

رَنگ و بُو تاجي لُڀائن لڳ فريب حُسن تي،
پل ٿئي ڦاهي گَلَي جو هَار چَئو کھڙي صلاح.

آزمائين تو جي طاقت اي جُنون اندر تہ هَل،
ٽوڙ زندان جا در و ديوار چَئو کھڙي صلاح.

شيخ اي "**سرشار**" مَئي کي ٿو چوي مطلق حرام،
چشمِ ساقي ٿي ڪري ميخوار چَئو کھڙي صلاح.

(ڪراچي 1952ع)

غزل

رکي عجب ٿي اثر يار جي نگاهہ ۾ نہ پڇ،
فسانو طور جو موسيٰ ٿيو گواهہ نہ پڇ.

پَسر ٿيو هي سَڙي طور پڻ تجلي سان،
سگهي نہ جاءِ بڻي ڪابہ جلوه گاهہ نہ پڇ.

وڏن وڏن جو جهڪي ٿو سرِ نياز هِتي،
عروج و تمڪنتِ بامِ بارگاهہ نہ پڇ.

هِلال مثل پيو يار جو وَڏي جو پن،
ٿو ماهتاب ٿئي هاڻ رشڪِ ماهہ نہ پڇ.

پکَيڙ ڪين سرِ شام، جانِ من گيسُو،
ڪري طَلِسم عجب ٿي شبِ سياهہ نہ پڇ.

ڏِسي ٿو جڳ تہ بظاهر سُمهي پيو "سرشار"،
نہ خواب جو ڪو پتو آهہ خوابگاهہ نہ پڇ.

(ڪراچي 5- اپريل 1952ع)

غزل

چمن ڏانھن تو ڪيو جڏھين سڄڻ زلفِ دُوتا جو رُخ،
تہ اُت خوشبو ٿي خوشبو ٿي بدلجي ويو ھُوا جو رُخ.

ھُجي اي مھ لقا رُخ تُنھنجو مُون ڏي، بس اھو گھُرجي،
رَھين راضي جَي اِن ۾ تُون نہ مَٽ جانب جفا جو رُخ.

عطائون غير تي آھن تہ مون کي آسرو آھي،
ڪڏھين مُنھنجي طرف ٿيندو سخي تُنھنجي سخا جو رُخ.

نہ باھر باق مون ڪئي، آسمان تي دُونھن ڇو آھي،
نہ ڇاڻان ڪِئن وجي پھتو اتي آھہ رَسا جو رُخ.

ڇوان ڇا ڪيئن سڄڻ مون سان اُچي ٿو پيش محفل ۾،
نڪي بيگانگي آھي، نہ آھي آشنا جو رُخ.

ڏٺم جو رُخ تي گيسُو بس غلافِ ڪعبہ جو شڪ ٿيو،
ڪَيَم "سرشار" اُت سجدو ڏِسي قبلہ نُما جو رُخ.

(ڪراچي 1953ع)

غزل

ذکر مُنهنجو کن پيا تو وٽ مَڙهي بهتان ڪجهہ،
بيشڪ آهن غير جا پڻ مون مٿي احسان ڪجهہ.

ناوڪِ مژگان ڪيو زخمي، زمانو ٿي ويو،
ٿا چُڀن دل ۾ اڃا پڻ تير جيئن پيڪان ڪجهہ.

يار ايندو يا نہ ايندو، پر اچي ويئي قضا،
اي دلِ ناشاد اڄ پورا ٿيا ارمان ڪجهہ.

دل وٺي دلبر ويو مون وٽ ڇڏي رنج والَم،
شُڪر جو اِهي آهن اڃا مهمان ڪجهہ.

پاڻ بيپرواهہ ۽ ڪم ناز غمزن کان وٺن،
پروسو هن فوج تي ڪن سنهن جا سلطان ڪجهہ.

ڪيف آور آهہ زاهد رِند جو سجدو رڪوع،
سِک نمازِ عشق جا پڻ تون اچي ارڪان ڪجهہ.

جي نہ ڪن ٿا ڪو خدا ۽ ناخدا ۾ امتياز،
حوصلا تن جا خطا آهن ڪيا طوفان ڪجهہ.

عشقَ سانگيَ شوق سڀ "سرشار" جا پاڙي ٿيا،
يار جي ٿي ياد ۾ وينو چِٽي ديوان ڪجهہ.

(ڪراچي 2- آگسٽ 1952ع)

غزل

نہ خوشگواري اگرچہ آهي ڪاهي سَحَر جي نَسيم ڪان وڌ،
مگر سراسر اُها بہ ٿيندي نہ گَيسوئن جَي ثَمِيم ڪان وڌ.

بدلجي ٿو حُسن جو بہ معيار هر ڪَنهين جي نَظَر نَظَر سان،
نہ ڪو بہ مُنهنجي نَظَر ۾ آهي حَسين مُنهنجي وسيم ڪان وڌ.

گُلن جيان داغ دِل جا ڪن ٿا عجيب گُلڪاريون اندر ۾،
اُنهن جي باعث ئي دِل کي سمجهان تہ آهہ باغِ نعيم ڪان وڌ.

فَسانۂ طُور ٿو ٻُڌائي تہ هوش مُوسيٰ هو اُت وڃايو،
تہ ڪير آهي اجا جو حوصلو رکي ٿو ڪَلِيم ڪان وڌ.

ڪٿي ڪلهن تي هلي ٿو درويش گودڙي ڇڏ اُتَس دولت ڪا،
امير جي سيج ۾ نہ آهي فقير جي اُن گِلِيم ڪان وڌ.

هتي ڪو "سرشار" خوب ميڙي هزار قسمن جا پَل خزانا،
هُتي مگر ڪابہ ڪارگر شيءِ نہ آهي قلبِ سَلِيم ڪان وڌ.

(ڪراچي 1953ع)

غزل

بهاري ٿي ڏِسين بلبل، مگر ڪجهه باغبان کان پُڇ،
بهاري جي حقيقت واقفِ دورِ خِزان کان پُڇ.

ٻُڌائي سو سگهي جَنهن جي مٿان سڀ ماجرا گُذري،
اسان جو داستانِ درد و غم بس خُود اسان کان پُڇ.

ڪُٺل جو يار جو آهي، نه مُرده سمجه اي زاهد،
صدائي قُم باذِني ٿي اَچَي هر اُستخوان کان پُڇ.

اگرچ خونِ ناحق جو ڪري انڪار خود قاتل،
بيانِ قتلِ جانِ راز، سيفِ خُونچڪان کان پُڇ.

جَلَن ٿا ڪيئن جمالِ يار تي مستانه پروانا،
"اِها ساري حقيقت شمعِ محفل جي زُبان کان پُڇ".

عجب هِي عشق وارا ٿا سَهڻ جي سَگهه رکن "سرشار"،
توانائي جو افسانو ڪنهن اِهڙي ناتوان کان پُڇ.

(ڪراچي 8- جنوري 1953ع)

غزل

سوا ساجن سهائي ناهہ ڪا حد نظر تائين،
جو چانڊوڪي بہ ٿي موقوف هُن رشڪِ قمر تائين.

نہ مان محرابِ ابرو تائين پهتس، پر زهي قسمت،
سرِ لَب ڪيو جبين شوق سجدو سنگ در تائين.

بہ بزمِ عاشقان گهُرجي، حديثِ ڪيف و سرمستي،
حديثِ هوش ڪم ڏيندي فقط زيد و بَڪَر تائين.

نہ مَٽ دندانِ دلبر سان ٻَڌيا، جانچي ڏٺم هڪ هڪ،
عقيق و نيلم و ياقوت ڪان لَعل و گُهَر تائين.

سڄڻ جي توشہ خانہ ۾ ڪَمي هٿيار جي ڪهڙي،
اٿس تير و ڪمان و خنجر و تيغ و تَبرَ تائين.

خدا ڄاڻي تہ اُنجي حسرتن جو حشر ڪهڙو ٿيو،
جو نڪتو گهر مان ۽ پهتو نہ موٽي پنهنجي گهر تائين.

اچي ٿي مغفرت از عالمِ بالا باستقبال،
اچا پهنجي ٿو مَسَ اشڪِ ندامت چشمِ تر تائين.

محيطِ ڪائنات و عالمِ ملڪوت آهي عشق،
نہ وَسعت عشق جي محدود آهي بحرو بر تائين.

اُها ئي منهنجي دل آهي وَسين ٿو جنهن ۾ تون دلبر،
نہ آهي فاصلو ڪو مُنهنجي در ڪان تُنهنجي در تائين.

پياري ٿو چڏي "سرشار" ساقي مئي سان گڏ گهوٽي،
سُفوفِ جلت و حُرمت ڪان، تخمِ خَيرو شر تائين.

(ڪراچي 17- آڪٽوبر 1954ع)

غزل

بسر بزم ساقي خوش لقا جا ڏٺم خيال نوان نوان،
جي ڪمال هواسي نوان نوان جي هُوا جمال نوان نوان.

رُخ برق ريز مٿي ڏٺم، تہ هو پردہ ٔ گيسو پيل،
ڪڏي ڪفر مان ڪيا ڪلمہ گو، سيھ خال بلال نوان نوان.

برِ شَفَق، مون هلالِ عيد جي آسري جو ڪئي نظر،
تہ ڪمانِ ابروءِ يار ۾ ٿي ڏٺم هِلال نوان نوان.

رُخِ آتشين شُعلہ فزا، ڪيا گَبر سي آتش پرست،
ويا سُوءِ آتشِ طور هُوا! تہ مَليا مثال نوان نوان.

نہ اي مرغِ دل پَٺَي دانہ وَڃ تھہ دام آهي سياه خال،
جو گرفتِ جا هُو صنم سِڪي ويو آئي وبال نوان نوان.

بشرابخانہ ٔ وَصل تون نہ پي بادهہ اي "**سرشار**" جلد،
جي پيئين تہ پي تون جَهلي جَهلي تہ وزَن وصال نوان نوان.

(ڪراچي 28- اپريل 1953ع)

غزل

نہ خالي آهہ ويندي جا ڪڏان ٿو دَرد جي دل مان،
اِها فانوس گُل ڪندي لَڏيندي شمع محفل مان.

غُبار ڪاروان سان گڏ اُڏامندو اَچي مجنون،
نهاري تون تہ ڏس ليلي لِياڪو پائي محمل مان.

مٽيءِ پي پاڪباز عشق جي ڇا مانُ پائَي ٿي،
پسِ ءُردن بَنَي ڪُوزو وخُو جو ٿو، انهي گُل مان.

گُلن ۾ يا تہ اَچ آهي نہ سا خوبي جا اڳ ۾ هئي،
يا نڪري ويو اڳوڻو سوز آوازِ عنا دل مان.

فقيهہ شهر قرآن ڪان؛ حديثن ڪان رَهي ڪورو،
ڪريٿو لطف اندوزي فقيهانہ مسائَل مان.

نہ آهي بي سبب "**سرشار**" وحشت ڪي ڇڏي ويٺو،
ڏسي ڪو آزمائي اَچ ڪَڏي مجنون سلاسِل مان.

(ٺٽو 23- مارچ 1951ع)

غزل

رَهي ٿي عشق وارن جي اِها حالت اجا تائين،
اکيون آليون، ڳجهيون ڳالهيون عجب عادت اجا تائين.

نهاريندي نهاريندي، ستارا سڀ ٿيا رُخصت،
نٿي پوري ٿئي ليڪن شبِ فرقت اجا تائين.

ندامت فاش گوئي، لَغزشِ پا، هوش، بي صبري،
رکي ٿو عشق مون تي ڪانـ ڪا تُهمت اجا تائين.

جمالِ يار گو هڪ بار چمڪيو طورِ سينا تي،
رهي ٿي چشمِ موسيٰ مائل حيرت اجا تائين.

پيا رخسار تي گيسو نگهباني رکن ساڳي،
رهي ٿي آبِ حيوان تي اِها ظُلمت اجا تائين.

چتائي مون بـ هر ڪنهن بار دلبر کي ڏنو ليڪن،
اکين کي آهـ ديدِ يار جي حسرت اجا تائين.

خدارا رک اِهو تيرِ نظر جو سلسلو جاري،
سهڻ جي اي ستمگر ٿو رکان طاقت اجا تائين.

گهٽا پينار مُنهنجي بعد آيا ۽ وٺي هليا،
سخي! چو ڪين مُنهنجي ٿي اَچي نوبت اجا تائين.

محبت پست ڇو ٿيندي بلنديءَ تي جو حُسن آهي،
صنوبر سَروُ جِيان آهي قدو قامت اجا تائين.

اجا گجگوڙ پاسَي ٿي اچي وڄَ ٿي ڪري ڪڙڪو،
اَچي ٿي آشيان تي ڪانـ ڪا آفت اجا تائين.

نوازش تو گهڻي ساقي پيارڻ جي ڪئي ليڪن،
پياسن کي رهي ٿي اُڃ جِـي شدت اجا تائين.

براء فاتح خِواني هُو آيو ڪيترا پيرا،
ليي انکي نٿي مُنهنجي مگر تربت اجا تائين.

شرابِ ناب جي پيتيَ زمانو ٿي ويو ساقي،
چَـنيَ چَـپَ تو مگر پايان اُها لذت اجا تائين.

بتن کان پاڪ ۽ خالي خدا جو گهر يلا ڪيئن ٿئي،
رَهي ٿي ڪعبۂ دلؔ ۾ بہ ڪا مورت اجا تائين.

سُيان بنجي پوي ٿو "اَڄ" نئون سج روز ٿو اُيري،
ڪَجَي ڇا جو نٿي گذري اِها مُدت اجا تائين.

بڌايو زاهدن تسنيم کي ڪيڏو مگر افسوس،
هَلَي ٿي دخترِ انگورُ جي شُهرت اجا تائين.

گريبان چاڪ ۽ "سرشار" دامن تار تار آهي،
نٿي سُڪ سان ڇڏي مون کي وَيهڻ وحشت اجا تائين.

(ڪراچي 15- فيبروري 1952ع)

غزل

هُن چيو تہ ڳول ڳولا، بيهوش ڪيستائين،
مون چيو تہ نيٺ رهندين روپوش ڪيستائين.

جي تون لڏين نہ مون ڪان، مون ڪي تہ ڳولي لهندين،
صياد ڪان بَچڻي ٿو خرگوش ڪيستائين.

ڪڻ طور تي نہ موسيٰ لاهي پَرَي ٿنو ڪر،
تو سان ڏس هَلڻي ٿو پاپوش ڪيستائين.

ڇڏ پاٺي پيان مان ساقي سڄي صَراحي،
ڪو ناز نين مِينا بردوش ڪيستائين.

هِي حُسن ۽ڪمسِني جو گهائل ڪندو زمانو،
مادر جو نيٺ هوندو آغوش ڪيستائين.

هُو بُت بنيو رهيو بُت مون نيٺ آرزو ڇئي،
بلڪل پَلا رَهي ڪو خاموش ڪيستائين.

جيڪا ڪرين عنايت ساقي سگهو ڪري وٺ،
مهمان ميڪدهہ ۾ مينوش ڪيستائين.

پريات ٿي وئي ڏِس ڇڏ هاڻ خوابِ غفلت،
آي پرت جا پڪيئڙا مدهوش ڪيستائين.

زاهد ريا جو جبو لاهي رکين ته بهتر،
جو ڪُوڙ ڪنهن کي ڏيندو سَنتوش ڪيستائين.

"سرشار" سرد رک تون هاڻي ذرا طبعيت،
نيبهه تِئي جوانيءَ جو جوش ڪيستائين.

(ٺٽو 26- نومبر 1950ع)

غزل

ٿي نہ تون مايوس اي دلِ، ڇانئجي آيو ملهار.
ٿي ڪري ڪوڪار ڪوئل، ڇانئجي آيو ملهار.

لاهہ گهونگهٽ بادلن جو ٿي ڪنوڻ ڪلندي اُچي،
زلف رَيڙهي، تن مان تون ڪِل، ڇانئجي آيو ملهار.

بِرهہ جي بوندن مِلِي برسات جي رِم جهم رَچي،
تون اي محبوب رِل مِل ڇانئجي آيو ملهار.

ويو وڇوڙو پرت پاٽي خاڪ پيتو، بئي گڏيا،
هم گريبان آب ۽ گِل ڇانئجي آيو ملهار.

پرت جو پيغامِ فطرت رقص و موسيقي بَهم،
نِنهن جو ناقوس نازل ڇانئجي آيو ملهار.

سڀ ٿيا "سرشار" ڪم سَوَلا جو سيد ڪئي نظر،
مست ساقي، مست محفل ڇانئجي آيو ملهار.

(ڪراچي آگسٽ 1952ع)

غزل

نہ فرقت ۾ تمنائي وصالِ يار پيدا ڪر،
غمن جو پاڻ تي اي دل نہ ايڏو بار پيدا ڪر.

چوي ٿو عقل هي چاڪِ گريبان آهہ رُسوائي،
جُنون ويتر چوي ٿو جا مٿہِ حد تار پيدا ڪر.

مشابہ زلف جي آهي تون رنگت ۾ تہ ڇا ٿي پيو،
اچا خوشبو اُها اي نافئہِ تاتار پيدا ڪر.

گدائي بينوا جي دلقپوشيءَ جي ڪرامت مڃ،
وگرنہ شيخَ اهڙا جُبہ و دستار پيدا ڪر.

نہ هر موزون عبارت شعر ٿئبي آهہ اي شاعر،
مَعاني جو غزل ۾ ڪرنہ ڪو اطوار پيدا ڪر.

ڏسان ٿو بَرق جو رخ آهہ خرمن ڏي، مگر "سرشار"،
چَوي هِي طبعِ موزون ٿي تہ تون انبار پيدا ڪر.

(ڪراچي ڊسمبر 1952ع)

غزل

نہ آهي عشق وارن کي ذرو ڀي اِبتلا جو ڊپ،
بَنِي گلزار ٿِي جو آتشِ نِمرود ڇا جو ڊپ.

تصور ۾ رکن ٿا جي هميشہ زلف دلبر جا،
ڏکائيندو پلا تِن کي ڪِٿي ڪاري بلا جو ڊپ.

سچڻ جي بي نيازي کُو بَنايم بي نياز اِهڙو،
نہ تُهمت جو رکان پولو نہ آهي اِفترا جو ڊپ.

رُخِ زيبا خلوصِ رنگ سان اخلاص هِي بخشيو،
جزا جي ناهہ خواهش ڪانہ آهي ڪو سزا جو ڊپ.

عطائي يار پڻ آهي عتابِ يار کي ويجهي،
وفا جي آسري هوندي رکان ٿو مان جفَا جو ڊپ.

ڪريان ٿو شاعري "**سرشار**" مان طبع رَسا باعث،
صِلہ جِي آرزو ناهي نکو ڪنهن جي گِلا جو ڊپ.

(ڪراچي 4- آگسٽ 1951ع)

غزل

اي دل يـــار ســـان اِهـــڙي يـــاري كـــري وٺ،
جـــو محبـــوب كـــي ئـــي ميـــاري كـــري وٺ.

چمـــن كـــي كـــپـــي آشـــك جـــو آبِ زمـــزم،
تـــُـــون اي چشـــمِ تـــر آبيـــاري كـــري وٺ.

پرهـــ ٿـــي ڦـــُـــٽـــي ننـــڊ جـــي ويـــل نـــاهي،
اُٿ اي دل اُٿـــي آهـــ وزاري كـــري وٺ.

خـــزان ۾ چمـــن جـــو نظـــارو نـــ هونـــدو،
بهـــاري ۾ بلبـــل بهـــاري كـــري وٺ.

اَچـــي مـــُـــندَ برســـات جـــي تنهـــن كـــان اڳ ۾،
پـــَنـــِـــي كـــَـــيڙ كـــانٽي بـــ هـــاري كـــري وٺ.

ســـبيل مـــَـــئي مسلســـل آهـــي جـــاري،
تـــ "سرشـــار" تـــون ميگســـاري كـــري وٺ.

(كراچي 5- مئي 1951ع)

غزل

نـــ ايندين تـــون تــــ آئينـــدي قضـــا تـــو وٽ،
هلـــي هـــي روح اينـــدو دلربـــا تـــو وٽ.

پـِــنڻ جـي ئـي بــَـهاني سـان اي لــَـيليٰ،
اچـــي نكتـــو بڻـــي مجنـــون گـــدا تـــو وٽ.

چــَيـــَـم ڇـو تـو وهـارين غـَـير كـي ڇيـاءِ،
كريـن ڇـا جــَـي اچـــي كـو آشـنا تـو وٽ.

سـينان مژگـــان نظـــر خنجـــر پـــرون پـــالا،
عجـــب آهـــي! تـــ آهـــي ڇـــا نـــ ڇـــا تـــو وٽ.

لكـــڻ مشـــكل، اچـــڻ مشـــكل، چـــوڻ مشـــكل،
كريـــان كئـــن غـــم بيـــان دل جـــو مـئـــا تـــو وٽ.

پـِـئـــي "سرشـــار" جــِـي ديـدون ملائـيـن تـون،
نظـــر خـــود آهـــ ســـاغر ســـاقيا تـــو وٽ.

(كراچي 7- اپريل 1951ع)

غزل

وَجودِ عشق آهي حُسن جي اظهار جي باعث،
ظهورِ حُسن آهي پر نمودِ يار جي باعث.

بنان سينگار مون کي ٿو وڻي سُهڻو مگر جڳ لَئي،
نمائش جي ٿيو قابل سڄڻ سينگار جي باعث.

خَمِ ابروئي جا نان کم کري ٿو تَيغ بران جو،
ڪِرن ٿا ڪيترا هِت هُت اِنهي تلوار جي باعث.

حَرم کان اڳ آڏيو هو دير تڏهن ٿيو حَرَم ظاهر،
تہ اهميت مِلي تسبيع کي زُنار جي باعث.

جَڏهين ميڙڻ لڳي، ٿو ڪو تہ ميڙيندو وجي ليڪن،
ڪَشش خرمن ڪري ٿو بَرَق کي انبار جي، باعث.

سِڪندر وٽ نہ سي جي هو رکي ٿو حُسن جون فوجون،
سڄڻ "سرشار" وڏ. هِن لشڪر جَرار جي باعث.

(ڪراچي 3- فيبروري 1951ع)

غزل

شُعاع ديد جا ٿيا سلسلا خارج،
تہ سِينہ مان ڪيَر دل دلربا خارج.

ألا يا أيُها الساقي! پيو ساغر،
ڪلهوڪا اڄ وڃن ٿيندا نشا خارج.

وِسامِي شَمع ويئي صُبح جو جهڙين،
تہ پروانا بہ محفل مان ٿيا خارج.

ڪتاب طِبِ اُلفت ۾ ڏنر پنهنجو،
مَرض خارج علامت ۽ دوا خارج.

سِرائي دارِ فاني مان بَعَد حسرت،
ٿين ٿا روز ڪئين قافلا خارج.

نہ معلوم اِبتدائي عِشق اي "سرشار"،
تہ آهي خود سوالِ اِنتها خارج.

(ڪراچي 3- مارچ 1951ع)

غزل

ڏسان ٿو چشمِ ساقي ۾ سندم هٿ آهہ ساغر ۾،
تہ بي پِيتي نشو آهي ٿيان ٿو مست منظر ۾.

چمن جي ڪنهن بہ گُل ۾ ڪانہ ڏِسجي ٿي اُها خوبي،
نظاري جِي ڏِني جا مون نزاڪت ناز پرور ۾.

مُعطر ٿي دماغن کي ڪري جا هِير زُلفن جي،
مهَڪ آهي نڪي خوشبو اُها ڪنهن مُشڪ عنبرَ ۾.

ڪَچو ڪُنيَر جو ڪُورو عشق وارن جو اَٿئي سينو،
اُتن تا دَرد جا دُونها دکَي ٿي آگ اندر ۾.

جَو هُن اَبرو جي جُنبش سان ڇِپي ٿي نوڪ مِژگان جي،
اِڇي ايذا عِوَض لَذت پِئي هِن تير نشتر ۾.

هُجي جي ڪِين رُخ محبوبَ جو پَرتو فگِن اُن تي،
نہ هرگز تون ڏِسين جيڪر ضِيا خور شيد خاور ۾.

ڦَنا جي حُسن ۾ بلبل ڦسائي ڪين تون دل کي،
چنبيلي ۾ نہ مکڙي ۾ نہ سوسَن ۽ صنوبر ۾.

اَٿم "سرشار" آس اَول تہ مون تي ئي ڪرم ٿيندو،
سرِ دفتر اٿم نالو گُنهگارَن جي دفتر ۾.

(ڪراچي 28- مئي 1951ع)

غزل

غور سان جانچي ڏٺم جو يار جي تصوير ۾،
حلقۂ ڪون ومڪان هو زُلف جي زنجير ۾.

رازِ الفت پاڻ تون عُقده ڪُشا ٿي، المدد،
هي گِره ناهي اُچي جا ناخنِ تدبير ۾.

تو نٿي مڃيو، مگر اي عقل ڏِس بيچارگي،
هڪ ڏٺو تو خواب ۾ نڪتو پيو تعبير ۾.

پنهنجي پنهنجي شوق سان هر ڪنهن ڪي ٿي وابستگي،
مُنهنجا هَٿَ هُن جي قدم تي هُن جا هٿ شمشير ۾.

ڪڻ خيالِ خام وانگر ڪو گَهوڙو ڪورو ڪچو،
سڌ تي سڌ ميهار ڏيندو گهڙ تہ سُهڻي سِير ۾.

ڦوڪ ڏيئي عقل باري رات ڪاري ڪر تہ ٿئي،
ڪو اثر پيدا نرالو نالۂ شبگير ۾.

جي نہ هُو جنبش ۾ آيو زُلف ۾ جُنبش پئي،
بي اثر پر ڪجهہ نہ ڪجهہ هو آهِ بي ناشير ۾.

يار جو خد خال تنهنجي شعِر جي زينت بڻيا،
جو مِليئَي "سرشار" شهرتِ شوخيِ تحرير ۾.

(بوقع مدشاعره بزمِ بسمل)
(ٽنڊو محمد خان
19- آڪٽوبر 1953ع)

غزل

تو ڏسان هڪ نئون ڪرشمو آسماني صبح و شام،
يعني نوخيزي ۾ تنهنجي نوجواني صبح و شام.

فجر جو هي سرخ چهرو قبلِ مغرب الوداع،
شمسَ جِئن دلبر تو ڏارين بدگماني صبح و شام.

صبح جو خونِ تمنا شام جو خونِ جگر،
تو پيارين خوب جام ارغواني صبح و شام.

روز و شب، شمس و قمر، واري سان درباني ۾ چُست،
در تي دلبر جي ٿِئي ٿي پاسباني صبح و شام.

فجر جو گيسو سنوارين شام جو چوڙين ڇَتا،
پيئي لَڳي هڪ بَلاءِ ناگهاني صبح و شام.

ڏينهن سان ٿي رات گڏجي رات سان گڏجي تو ڏينهن،
ڳل ڳِراٽي پاڻ پايون ڇو نہ جاني صبح و شام.

تون جي راضي صبح مون لئہ تون خفا مون لاءِ رات،
منهنجي دل تي آهہ تُنهنجي حُڪمراني صبح و شام.

اَشڪِ فرقت مثلِ گوهر، چشمِ عاشق ٿيو صَدَف،
ديدهءِ تر تو ڪري گوهر فشاني صبح و شام.

قند سنڌي آهہ اي "سرشار" هي تُنهنجو سخن،
طوطيِ شيراز جيان ڪر خوش بياني صبح و شام.

(ڪراچي 4- جولائي 1953ع)

غزل

آهي جمالِ يار جو منهنجي نگاھ ۾،
اک کينکي پُٽي ئي کڏ مهرومين ماھ ۾.

ديوانگي وڌي ئي کو زنجير پائي دل،
بهتر ته رَھ اَسِير ئي زلفِ سياھ ۾.

ڪهڙي سبب تَپَش جو رکَي شمع دل ئي چاھ،
پيدا ڪري سگهي نه اگر سوز آھ ۾.

ڏسَجي ته ڪير ٿو ٿئي مدهوش طور تي،
"اڄ آھ امتحانِ نظر جلوه گاھ ۾".

ڪعبو قريب جَذبۂ الفت سبب ٿيو،
کو بُتکده اگرچه هو دريش راھ ۾.

ڪهڙي گناھ جي هي سزا آهي جو غريب،
مَجنون ڦري مدام ٿو حالِ تباھ ۾.

منهنجو کڏهين ته ساھ ڪَڻ پي نٿو سَهي،
مون کي رکين رقيب کان پرور پناھ ۾.

چاھ وحَشَر جهان ۾ نيبهَ نٿو ٿئي،
دولت مَتي مدار نه عِزت سِپاھ ۾.

"سرشار" تن جو حال ڇا جن کي نَتي نصيب،
طاقت ثواب جي ۽ نه لَذت گُناھ ۾.

(ڪراچي 30– نومبر 1951ع)

غزل

بغلگيرِ مسرت جي وجي ماتم ٿئي ڪنهن دم،
۽ حسن و عشق جو هڪ فيصلو باهم ٿئي ڪنهن دم.

طوافِ چهره ۽ چاهِ ذقن ڪريان ٿو حاجين جئن،
گذر منهنجي لَبَن جو پي لبِ زمزم ٿئي ڪنهن دم.

ٻـ هـَـر مينوش پهچي ٿو وڃي جامِ سفال آخر،
مثالِ جام مَـي هرگز نہ جامِ جم ٿئي ڪنهن دم.

ٻڌان ٿو حسن جي خيرات ڏئي ٿو خوبرو خوش ٿي،
الاهي منهنجي حق ۾ پي تہ هو حاتم ٿئي ڪنهن دم.

ڪرم جي ڪوهہَ ڪان بارش وسي ٿي وادئي دل تي،
تہ چا لئي بند هي سيلاب چشمِ نم ٿئي ڪنهن دم.

شبِ فرقت وڃي ٿئي همڪنارِ صبح وصالِ يار،
مبارڪ ڏينهن مون لئي اهڙو اي همدم ٿئي ڪنهن دم.

بُتن وٽ برهمڻ جئن عمر گذري سر جهڪائيندي،
نہ ان جو ڪر ٿيو ڪڏهين نہ منهنجو ڪم ٿئي ڪنهن دم.

خِرَد مَحوِ طَبابت ۽ جنون، محوِ نـَمَڪ پاشي
تہ مشڪل اي دلِ مجروح ڪو مَرهَم ٿئي ڪنهن دم

نماڻو عشق هستيءَ ۾ جو آهي ڏيڍريءَ ڪان گهٽ،
زڪام ايندو نہ ويجهو ۽ نڪي بَلغم ٿئي ڪنهن دم.

حقيقي عشق اي "سرشار" آهي دولتِ ايمان،
نہ دل دنيا تي خوش آهي ۽ نہ دل کي غم ٿئي ڪنهن دم.

غزل

ازل جي روز جنبش ۾ جڏهن لوح و قلم آيو،
دلِ بيڪس جي ورثي ۾ رڳوئي درد و غم آيو.

زَهي قسمت! خيالِ يار جوئي هڪ سهارو هو،
دلِ بيتاب کي بيچارگي ۾ خوب ڪم آيو.

ڏٺم جو خواب ۾ دلبر ڪسُلي اک ۾ چيم آخر،
اللهي شُڪر! منهنجي گهر ڪري پنهنجو ڪرم آيو.

لکايو ماهِ ڪامل پاڻ کي شرمائجي اُن کان،
ڪري سينگار ڪوٺي تي جڏهن سُهڻو صنم آيو.

ڪيون مفتوح دِليون دلربا اهڙي طرح جنهن پر،
سڪندر فوج پنهنجيءَ سان بعد جاه و چشم آيو.

ڪندو سجدا ويس مان پر الاجَي ڪنهن جي در تائين،
سڄڻ سهڻي جو مون کي جت نظر نقشِ قدم آيو.

ڪرائي سير تو دنيا جو ميخوارن کي پيمانو،
مقابل ۾ نه اُن جي مُور ڪڏهين جامِ جَم آيو.

ڪرڻ مقصود هو زُلفِ نبيءِ جو ذڪر مولا کي،
مگر الفاظ ۾ "والليلِ" جو آهي قسم آيو.

پلا مايوس ڇو عاصي ٿين "سرشار" مون جهڙا،
اسان جي ٿي شفاعت واسطي شاهِ اُمم آيو.

(ٺٽو 25- ڊسمبر 1950ع)

غزل

اِينديٓ خــزان چـمَـــن ۾ گــلزار ڪيــن هونــدو،
قــائم شــباب هـردم اي يــار ڪيـن هونــدو.

پــاٿي اسير گيسو ڪــاڏئ جـي ڪوهــ مــان پـي،
ايــڏو تـــ قيديــن ســان آزار ڪيـــن هونـــدو.

هــڪ ســال بعـد آيــو محبــوب عيـد جـو ڏينهـن،
توڪـي بــ اڄ ملــڻ ڪــان ڪــو عــار ڪيــن هونــدو.

پاڻـــي ٿــو يــار آخر اغيــار ڪنهــن غــرض ســان،
بيڪــار آســتين جــو ڪــو مــار ڪيــن هونــدو.

عــَرصي ڪــانَ ايتري جو مشقِ ســِتر ڪــئي تــو،
بيشــڪ حـُــضور خــالي ڪــو وار ڪيــن هونــدو.

هــن ريــت ســاڻ پڪــڙي جــو عشــق جــِـي وبــا اڄ،
ســو ڪيــر آهــي جــي ڪــو بيمــار ڪيــن هونــدو.

محفــل ۾ دل پلــي هــل، اغيــار تنــگ ٿينــدا،
پــر پــاڻ يــار مــون ڪــان بيــزار ڪيـن هونــدو.

بــي ريت جو گهـُـري ٿو تنهن کـي خدا نٿو ڏِئي،
جـي ريـت ســان گـُـهري ڪــو انڪــار ڪيــن هونــدو.

واِعــظ خــدا خــدا ڪــر ميخــوار ميڪــده ۾،
تــو ڪــر بيــر ڏنــو هــر "سرشــار" ڪيــن هونــدو.

(ڪراچي 1951ع)

غزل

دلِ بيتاب گستاخي نہ ڪر ڪا يار جي ويجھو،
لُـڏن جت نانگ ڪاريھر پيا رخسار جي ويجھو.

ڪشش ڪا حُسن جي آهي جهڪي ٿي خودبخود گردن،
چمان ٿو پير قاتل جا وڃي تلوار جي ويجھو.

مرض جي ڇا مجال آهي اجل خود پي وڃي موٽي،
مسيحا جي اچين هيڪر هلي بيمار جي ويجھو.

اشارن ۾ ٿيا جي قول سي سمجھان تہ ڇا سمجھان،
نڪي اقرار جي ويجھو نڪي انڪار جي ويجھو.

بظاهر دين جي دعوا بباطن سڀ رياڪاري،
نہ ڏس تون شيخ جو جُبو نہ وڃ دستار جي ويجھو.

عجب ڪونهي پئي ڦوڪي لَسِي جي ڪير جو ڪاٿل،
وفا جو ڪو متان نالو وٺي "سرشار" جي ويجھو.

(ڪراچي 3- نومبر 1951ع)

غزل

لَطَافَتِ دل هُجي نہ زِندھ تہ زندگي جو ضرور کھڙو،
جَي دل نہ ڌڙکي تہ ڪنهن نہ ڪَم جي مٽاڇِري جو ضرور کھڙو.

رڳي نہ اک جِي ڪَپي بِصارت مگر بَصيرتَ بہ دل جِي گُهرجي،
تِئي نہ جي ڪنج قلب روشن تہ روشني جو ضرور کھڙو.

نہ سَحُر ڪي ٿو غَلط مان سمجهان، غَلطَ نگاھِي بہ آھ جادو،
نظر مِلڻ سان نظر کُلي ٿي، فُسون گري جو ضرور کھڙو.

جَي عشق دل کي نٿو اُجاري تہ ڇاڻ دل ۾ ٿي ڪوٽ آھي،
نہ دلبري حُسن جي ڪري ڪم تہ دلبري جو ضرور کھڙو.

نہ بي رُخي سان جهان ۾ هَل جهان آھي مثال شطرنج،
جي رُخ هُجي تہ بہ تون ساٽ آهين تہ بي رُخي جو ضرور کھڙو.

هُجي نہ غم جي مسرتن سان تہ خُشڪ آهن مسرتون خود،
خَلَش ڪري عاشقي نہ پيدا تہ عاشقي جو ضرور کھڙو.

اُڃين تہ اَڄ شيخَ مَيڪدھ ۾ هتي اسان جو اِمام ٿي تون،
جو گُمرهِي ۾ تِئي نہ رهبر تہ رهبري جو ضرور کھڙو.

نٿي ٿئي نَظر جيستائين نہ لفظ اُن جا هُجن مُنَظرِ،
نہ شاعري جا اُڃن لوازم تہ شاعري جو ضرور کھڙو.

مَٽو بہ ڪُوزائي، خاڪ يي ڪر ملي بدن تي، ۽ پائَي ڪفني،
نہ مست "سرشار" مَن ٿئي جي قَلَندرِي جو ضرور کھڙو.

(ڪراچي 31- ڊسمبر 1951ع)

غزل

جيَ گُهران تہ چئي ٻڌايان، تہ ٻُڌي بہ ڪِئن زمانو،
نہ خِرَدَ جي رسم چاٽان، نہ جُنون جوئي فسانو.

هونءَ هارَ هارَ پرهِت، خود جِيتَ هارَ آهي،
نہ ڪَنَڻ جُوا جنهينِ ۾، سو هي جڳ قمار خانو.

سَرِ راهہ پي مِلَي هُو تہ صنم جي، ميلہ سازي،
ڪڏهن طبع نامَوافِق، ڪڏهن ڪو نہ ڪو بهانو.

نہ اچي سگهان ٿو بُلبُل! مان فريبِ حُسن گُل ۾،
نہ چمن سان مون کي ڪڏهن، ڪو هو رَبط غائبانو.

جَي گُهرين اي دل تون تسڪين تہ گذار "لامڪان" ٿي،
نہ ڪو فڪرِ برقِ سوازن، نہ هجي جي آشيانو.

اَڏَ رات جو هي "سرشار" ڪِتان پِلا پئي مَئي،
تو ڏِڪي چڏيو جو ساقيِ، اک جو شرابخانو.

(ڪراچي 1952ع)

غزل

هُن چَشمِ فَسُون گر جو جادو، جي اڄ نہ ٿيو تہ سِيان ٿيندو.
ڪُرسيءَ تي سُليمان پڻ قابو، جي اڄ نہ ٿيو تہ سِيان ٿيندو.

لَب يار جا آهن برگ گُل، رُخسار گلاب ۽ نيڻ غـزال،
هڪ پَيڪَرِ حُسن و رنگ و بُو، جي اڄ نہ ٿيو تہ سِيان ٿيندو.

تو زلف پکَيڙي گُلشن ۾، دلدار خرامِ ناز ڪري،
هُبڪار جو هوڪو بَس هَرسُو، جي اڄ نہ ٿيو تہ سِيان ٿيندو.

اي نازڪ ڏس لچڪي ٿي ڪمَر، ٻلهار وڃان، تلوار نہ ڪڍ،
اللهُ رکي زخمي بازُو، جي اڄ نہ ٿيو تہ سِيان ٿيندو.

لَب يار جا چارھ گري ڪندا ڏِي، آبِ حيات ۽ قندِ نبات،
بيمارِ مُحبت جو دارو، جي اڄ نہ ٿيو تہ سِيان ٿيندو.

"سرشار" زُبان تي پابندي، دَستور مُحبت جو آهي،
قانون اِهو توسان لاڳو، جي اڄ نہ ٿيو تہ سِيان ٿيندو.

(ڪراچي 3– فيبروري 1952ع)

غزل

عشقَ تُنهنجو بہ، غُلغُلو هوندو،
ڪنهن زمانہ جو، هي قِصو هوندو.

گُل خزان ۾ نہ ڪو، نڪا ٽاري،
ڇا پَتو آهہ ڪو، پَتو هوندو.

وِصل آهي فراق سان هر زُلف،
فرق هوندو، تہ ڪيترو هوندو؟

يار ايندو تہ ڪٿن زبان کُلندي؟
هوش هوندو، نہ حوصلو هوندو.

دل سان دل تي رکي عجب ناتو،
ڪو تہ دل جو، بہ سلسلو هوندو.

عشق ميدان رزم جو آهي،
ڪنهن نہ ڪنهن سان، مقابلو هوندو.

عشق آسان ٿو ڪري مُشڪل،
عشق آسان، مرحلو هوندو.

دوستي احتياط سان رک دل!
نيڪ هوندو، تہ ڪو بُرو هوندو.

پيچ پائين تہ پيچ خود رهبر،
پيچ هوندو، تہ پيچرو هوندو.

ڪي اڇن، ڪي وڃن پيا، چرچو،
ساڳيو آهه، ساڳيو هوندو.

يا ته جنت ۾ رهه، يا ڪڻ حوا،
زال هوندي، ته زلزلو هوندو.

غير سان جو گهمين پيو سُهڻا!
غير سان ڪو، ته واسطو هوندو؟

رات ڪاٽيئي وڃي رقيبن وٽ،
ڪير بدبخت هِت، سُتو هوندو.

قرب تاڙي نه آهه هڪ هٿَ جي،
نيٺ توکي به ڪو ذرو هوندو.

هُن چيو "ڇو نه بدگماني ٿئي"؟
مون چيو، "ڪو ته پروسو هوندو"

ڪالهه ڪَمسنِ هو اڄ شباب ۾ آهه!
هاڻ هر ڪنهن ڪي، آسرو هوندو.

ڇا خَرابات! ڇا لڳي "سرشار"؟
شيخ پيو رِند، تو ڏٺو هوندو.

(ڪراچي 9- جون 1952ع)

غزل

ڪئي جو باغبان سازش، ٿيو باغي چمن منهنجو،
نہ آهي ياسمين منهنجو، نہ آهي نسترن منهنجو.

جنونِ عشق مون کي، منزلِ مجنون تي پهچايو،
ڦٽي دامن، گريبان چاڪ، ليڙون پير هن منهنجو.

رموزِ زندگاني جو بہ عُقد و حلّ ٿيو ڪوئي،
هتي مون کي نہ ڪم آيو سمورو علم و فن منهنجو.

خِرد بيڪار آهي، هوش مان ڪينڪي ورندو،
اڃان ٿا ڪِين ڪم ۾ خون ٿا ناحق پِيئن منهنجو.

ڏئي چڪر ٿڪين ليڪن مقابل ڪين ٿي سگهندين،
اڃا گردش ۾ آهي جام، اي چرخِ ڪُهَن منهنجو.

ڇيو صياد کي روئي گرفتار قَفَس بُلبُل،
بنائج باغ جي ڪنهن شاخ کي دارو رسن منهنجو.

جهانِ سيم و زر مون کي نہ هرڪائي سگهي هرگز،
سِڪان ٿو سيم و زرڪي مان سڄڻ خود سيمتين منهنجو.

اچي ٿو وجد ۾ گلشن، لُڏن ٿا گُل جُهڪن شاخون،
ادا سان باغ ۾ جڏهن گهمي ٿو گلبَدن منهنجو.

جڏهن "سرشار" گلشن ۾ نڪا قمري نہ ڪو طوطي،
عجب ناهي ٿئا سمجهن سخن زاخ وزغن منهنجو.

"طرح يوم پاڪستان"
(ٺٽو 14- آگسٽ 1952ع)

غزل

جنهين وٽ عشق آيو اُن ۾ اهڙو انقلاب آيو،
جو زلفِ يار وانگر بيقراري، پيچ و تاب آيو.

ڪَلِي مُرڪي تَڙي گُل پاڻ استقبال ۾ نڪتو،
هَلِي جو باغِ دل ۾ پيڪرِ حُسن و شباب آيو.

بعد ناز و ادا پهتو سڄڻ جو دل جَي گوشه ۾،
تہ ڄڻ هڪ لشڪرِ زرين قبا پا، در رڪاب آيو.

پَسائي پاڻ تي جلوو ڪيو گُستاخ موسيٰ کي،
مگر بيهوش موسيٰ تي وَرِي تُنهنجو عتاب آيو.

ٽيو ڇا حَشر مُنهنجَي نامہ برجو هُت خدا ڄاڻي،
نہ قاصد پاڻ ئي موٽيو نڪي خط جو جواب آيو.

حياتيءَ جا هُوا آثار گُم دنيا ۾ اي "سرشار"،
نہ جيئين دور ۾ ساقيءَ هٿان جامِ شراب آيو.

(ٽنڊو محمد خان 20- آگسٽ 1952ع)

غزل

اي مجسمِ حُسن آهيَ ڪهڪشانِ آرزو،
صاحبِ قوسِ قُزح تون آسمانِ آرزو.

گردش ۾ گو آهي فَلَڪ، پر عزمِ دل گردش فگن،
هُت هو شڪسته آرزو هِت هي جوانِ آرزو.

يار جو تيرِ نَظَرَ مَشاق آهي مُويَهُو،
آبرو ئي خمدار اُن جو خود ڪمانِ آرزو.

يار جي هو بدگُمانيءَ جو گُمان اُن ڪي مگر،
شُڪر جو نِڪتو نه سچ اهڙو گُمانِ آرزو.

اشڪِ غَم ۽ نالئ دل، بس قطار اندر قطار،
"سُوءِ منزل ٿو وڃي هِي ڪاروانِ آرزو".

لختِ دل، خونِ جگر سان ٿي تمنا هڪ شَجَر،
ڪير پيو "سرشار" اهڙو ميزبانِ آرزو.

(ٽنڊو محمد خان 5- نومبر 1952ع)

غزل

اکڙين سان اکيون مليون، ميخاني سان ميخانو،
اڄ چو نہ پيلا ٽکري، پيماني سان پيمانو.

هِن چشم سِکي کنهن کان هي رسمِ هم آهنگي،
مستانہ سان مستانو فرزانہ سان فرزانو.

"والشمس" رخِ زيبا، "والليل" سيہ گيسو،
مسجد سان ملي مسجد، بتخانہ سان بتخانو.

صندوقِ لبِ لال محفوظ کيا موتي،
آڏيو جو هُنن گڏجي کاشانہ سان کاشانو.

گيسوءِ مُعَطِر وٽ جو بادِ صبا گُذرين،
منهنجو بہ وڃي چئجان شکرانہ سان شکرانو.

اي شمعِ رخِ تابان "سرشار" تي کر ٿورو،
پل گڏجي اچي تو وٽ پروانہ سان پروانو.

(کراچي 1- ڊسمبر 1952ع)

غزل

اي دل سو زمانو ياد اَچئي، جو عشق جَي وٽ ۾ ڀُور نہ هو،
هڪ عيش مَسرت جو عالَم، سِڪ سوز جو سِيني ۾ سُور نہ هو.

ڇو غرق ٿي ڪشتي بحرِ غم جَي موجن ۾ چاڙِي تو خدا،
گرداب نہ هو، طوفان بہ نہ هو، ساحل بہ گهڻو ڪُجهہ دُور نہ هو.

نيڻن جو نشو تہ معاذ الله، پر اڳ جا نشا اهڙا بہ هوا،
پلٽي تہ صراحي ثابت هئي ۽ جام ڪِريو تہ بہ چُور نہ هو.

هي حال نہ هو، هي قال نہ هو، بي راهہ رَوي تہ بہ اهڙي جو،
بتخانہ وٽ منزل هوندي خود بيتِ خدا يي ڏُور نہ هو.

پر هڪڙي اچانڪ پيئي نظر، تبديل سڄو ماحول ٿيو،
دامن ٿي بچائي مون پنهنجي، پر اُن کي بچڻ منظور نہ هو.

ڇا حُسن جي محملؔ ۾ ليلِي جي مثل هوڪو پردهہ نشين؟
اُف قيس جي قسمت! جو جلوو مستور بہ هوا مستور نہ هو.

هر جاءِ هو آهي جلوه گر پر طور بهانو ٿي آيو،
موسيٰ جو اِيئن مدهوش ٿيڻ محتاجِ جمالِ طور نہ هو.

گُلشن ۾ ڏٺم "سرشار" عجب هر گُل کي خمارِ مينوشي،
ڇا لالہ، بنفشو ڇا سُنبل، گل ڪونہ هو جو مخمور نہ هو.

(ڪراچي 1- آگسٽ 1953ع)

غزل

گُذر جيسين لبِ ساحل نہ ٿيندو،
سُکونِ زندگي حاصل نہ ٿيندو.

گريبان چاڪ اي مجنون بدلجي،
دريچهٔ پردهٔ محمِل نہ ٿيندو.

نہ ٻَرندي شَمع، پروانا نہ ايندا،
اگر هُو زينتِ محفل نہ ٿيندو.

فريبِ حُسن کائيندي ٻہ عاشق،
فريبِ حُسن جو قائِل نہ ٿيندو.

مسيح مُلڪ تنهنجو سر سلامت،
مگر توکان علاجِ دل نہ ٿيندو.

مثالِ زُلف اي "سرشار" خَم ٿي،
ملڻ محبوب سان مشڪل نہ ٿيندو.

(ڪراچي 24- مئي 1955ع)

غزل

ساقيءَ جي اکَ مثال کو ساغر نہ ٿي سگھندو،
هِي جام اُهو آهہ جو گھر گھر نہ ٿي سگھندو.

ڪٿ حُسنِ ازل جَلوه گرِ بزم ٿئي، موسيٰ!
هڪوار ٿيو طور تي پيهر نہ ٿي سگھندو.

سِيني ۾ ٿا سانديين سَجَڻ تنهنجو فسانو،
اوراق ۾ محدود هِي دفتر نہ ٿي سگھندو.

تلقين ڪَرين ضبطِ اَلم جي ٿو مگر دوست!
ڪنهن وقت ڪٿي ٿيو تہ ٿيو اڪثر نہ ٿي سگھندو.

هر وقت هُجي مصحَفِ رُخ دِيدَ جي سامهون،
هِي اهڙو سبق آهہ جو ازبر نہ ٿي سگھندو.

اڪيون تہ نظارن ۾ ڪٽي مَحو رکان پر،
دل جو ڪو بيو تو سوا دلبر نہ ٿي سگھندو.

عاشق جي ٿو هر وقت رَهي پَير ۾ چَڪر،
'گھر گھاٽ ڪرڻ چاهي تہ ڪو گھر نہ ٿي سگھندو.

وَڻ پَرڪ! اُتن حُسنِ فنايا ب جون ڇوليون،
دامن جو ڪِنارو بہ ڪڏهين تَر نہ ٿي سگھندو.

وِکَ وِکَ تي نئون کيل تہ ڇا عقل بہ ڊوڙي،
ميدانِ طلِسمات ائين سَر نہ ٿي سگھندو.

ڪم شيخَ جي دستار ڪفن ۾ بہ نہ ايندي،
جي ٻيگهہَ مان ڪپڇي بہ سَهِي، پَر نہ ٿي سگھندو.

زَر قاضيِ حاجاتِ جهان آهي، بجا آهي،
پر قاضيِ حاجاتِ عَدَم زَر نہ ٿي سگھندو.

"سرشار" کي ڇڏ وينو رَهي تُنهنجي ئي دَر تي،
در تنهنجُي جو مَٽ ڪوئي ٻيو دَر نہ ٿي سگھندو.

(حيدرآباد 31- ڊسمبر 1955ع)

غزل

اي بهار جانِ فزا هِي تنهنجو احسان ٿي ويو.
جو اُجڙ هو گلستان سو گُل بَدامان ٿي ويو.

زلف دلبر کي ڏنو جڏهين نظام کهکشان،
رقص ۾ آيو ٿيو اجزا پريشان ٿي ويو.

جلوه آرائي سڄڻ تنهنجي طلوع آفتاب،
ذرو ذرو تنهنجي آمد کان درخشان ٿي ويو.

تير مژگان کي تلاش ترکش سَرپوش هُئي،
حَمدَ الله دل ۾ هِي پيوسته پيکان ٿي ويو.

زاهد بي نور منهنجي يار جو جلوه ڏسي،
کعبۂ دل ۾ وڃي پهتو مسلمان ٿي ويو.

درد بن دل هُئي اکيلي حال يائي کونه هو،
درد سو دلبر ڏنو جو حال پرسان ٿي ويو.

چوٽ پويان چوٽ کائي زخم ڇا تازه ٿيا،
واهه جون کليون ٽڙيون جو باغ بستان ٿي ويو.

بي خودي "سرشار" کي بخشي سڄڻ هيئن ٿا پڇن،
ڇا وڃي پيتئي جو ههڙو حال تو سان ٿي ويو.

(صوفي فقير 19- فيبروري 1956ع)

غزل

رُخِ تابان تہ زلفِ دوتا ٿي پيو تہ ڇا ٿي پيو،
ڪُسوفِ شمس ٿيندو ڪين يا ٿي پيو تہ ڇا ٿي پيو.

جمالِ يار آهي مستقل، ٻيو حُسن سڀ فاني،
تہ فاني حسن دلڪش دلربا ٿي پيو تہ ڇا ٿي پيو.

سڄڻ جو اَبروءِ خمدار جياري ٿو هزارن کي،
مگر مون لئہ اهو تيرِ قضا ٿي پيو تہ ڇا ٿي پيو.

گواهي رنگ جي سو ڏئي ٿي دستِ قاتل تي،
بجائي خون جي رنگ حنا ٿي پيو تہ ڇا ٿي پيو.

جڳائي آستانِ يار تي جُهڪندي ٿئي دم نکري،
جبينِ شوق! هڪ سجدو ادا ٿي پيو تہ ڇا ٿي پيو.

غرورِ حسن ۾ پل کو خدائيءَ جي ڪري دعوا،
صنم سهڻو خدا ناهي، خدا ٿي پيو تہ ڇا ٿي پيو.

نہ ڏيڄار اي اجل، تون وڏ ۾ وڏ ماري سگهين ٿو پر،
فنا ڪان اڳ فنا جو ٿيو، فنا ٿي پيو تہ ڇا ٿي پيو.

درونِ قلب آهي مائلِ حرص و هوا واعظ،
سرِ محراب و صبر پارسا ٿي پيو تہ ڇا ٿي پيو.

ڪري وٺ جذب نور حق يد بيضا جي صورت ۾،
رڳو جي طُور تي جلوه نما ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو.

مٺا محبوب تنهنجو رنج ماري ٿو وجهي مون کي،
زمانه جي سڄو مون کان خفا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو.

عجب عقده ڪشائي سان سنولوي يار ٿو گيسو،
اسين مشڪل ۾ هو مشڪل ڪشا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو.

ڪناري کي ڪناري سان ملائي موجِ دريا ٿي،
ڪنارو جي ڪناري کان جدا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو.

پري آهي پرين ته به آءُ سمجهان ٿو سڄڻ اوري،
جي جانب جيءَ کان منهنجي جدا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو.

اڳيئي جرمِ محبت جو نتيجو خوب سمجهان ٿو،
قياسِ جُرمِ زيرِ التوا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو.

رياڪاري جي ٿيندي سرَ پوشي تا بڪي زاهد،
حرير چين جي بند تبا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو.

خدائي رزق ٿي آهي ڪري ٿو جو شڪر کي پر،
خدائي گندم رجوُ ماسوا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو.

نه چشمِ يار جو مٽ آءُ يانيان چشمءِ حيوان،
اگرچه خضر لئه آبِ بقا ٿي پيو ته ڇا ٿي پيو.

غـرض يـاري سـان آهـي سـا نبـاهيندس بهـر صـورت،
"جي سهڻو سنگدل ۽ بي وفـا ٿي پيـو تـہ ڇا ٿي پيـو.

خدا شل ڪَلَ نہ ٿيڙي ۽ ڪَـٽَـر اڪ مان وجي نڪري،
ڪليڪٽر ٿي پيس بختِ رسا ٿي پيـو تـہ ڇا ٿي پيـو.

محمـد ميـر تـان جـن و بشـر حـورو پـري قربـان،
هي منهنجو ساه سيد تان فدا ٿي پيو تـہ ڇا ٿي پيـو.

لڪي ٿـو لـوح جـو مـالڪ محمـد ميـر جـون وصفـون،
رڳو "سرشار" هڪ وقفِ ثنا ٿي پيـو تـہ ڇا ٿي پيـو.

ڪراچي 29- جون 1954ع ۽ نواب شاه 25- آگسٽ 1957ع)

(هي شعر جدا جدا تاريخن تي لکيل آهن. تنهنڪري ٻئي تاريخون لکيون ويون آهن.

غزل

فراقِ يار کان دل جي تپش ۾ رقص ڪريان ٿو،
پڇن ٿا داغ ۽ تن جي خلش ۾ رقص ڪريان ٿو.

بہ بزمِ ناز جڏهين ٿو هجومِ عاشقان گڏ ٿئي،
تہ هڪڙي قرب واري جي ڪشش ۾ رقص ڪريان ٿو.

صراحي ڪي چيو بادہ تہ ساقي جي نگاهن ۾،
ڏسان ٿو مست، جامِ بادہ ڪش ۾ رقص ڪريان ٿو.

حضورِ يار منهنجي لغزشِ پا عفو جي قابل،
جو هن بيتاب دل جي ڪشمڪش ۾ رقص ڪريان ٿو.

لُڏي قاصد ڏنو خط يار ڪي ۽ هُنَ پڇيو هي ڇا؟
چيائين: هيج ۾ هلندي روش ۾ رقص ڪريان ٿو.

شبِ مهتاب، اي "سرشار"تنهائي ۾ ستائي ٿي،
تہ يادِ حسنِ روئي ماهہ وش ۾ رقص ڪريان ٿو.

غزل

آشنا تُنهنجو ٿي، ٻي هر شيءِ کان بيگانو رَهي،
پنهنجي دنيا پاڻ ناهي، مست مستانو رَهي.

قلب ۾ ڪعبہ وَسائڻ جي، ڪير ڪوشش مگر،
دل بُتن جي پيڙ ۾، هردم ٿي بتخانو رَهي.

ڪاش هِڪڙي بيخودي، طاري هجي ٻنهي مٿي،
مان بہ دِيوانو رهان، ۽ هُو بہ ديوانو رَهي.

مُنهنجي استقبال خاطر، چشمِ ساقي منتظر،
۽ هجومِ ميڪشان سان، پُر ٿو ميخانو رَهي.

تُنهنجي ڪاشانہ جو سنگِ در، هجي منهنجي جبين،
۽ فلڪ جي اوج تي شل، تُنهنجو ڪاشانو رَهي.

مان مجسم عشق آهيان، تنهنڪري "سرشار" اچ،
ٿو زمانہ جَي زُبان تي، منهنجو افسانو رَهي.

(ڪراچي 27- مئي 1950ع)

غزل

دلدار دلارام دلين کي، ٿُو ڏتاري،
سينگار ڪري يار مِٺو، محب ٿو ماري.

تلوار ڪان پڻ تيز ٿيا، يار جا ابرو،
بيجان ڪيا ڪَيئين، اِنهي اک جي اشاري.

هِي مام محبت جي، تہ موت کين پروڙي،
چاڙهي تہ وجي چوٽ چڏيو، تنهين نظاري.

طوفان ڪڏيو منهن، تہ ڪنارو بہ پري آهہ،
قادر کي پَوي ڪَهلُ جو، بيڙو هي اُڪاري.

مينديءَ جي ڪري، مهٽ ٿيا هٿ حِنائي،
ڪاڪُل بہ ڪلهن تي، وجهي يار سنواري.

مون کي تہ سجڻ رَيءَ نہ سرَي ڪابہ ٿي ساعت،
چاڪاڻ پلا مون کي، هُو وينو آهہ وساري.

دل کي تہ وٺي ڪين ٿي، هِي پيڙ ۽ هلچل،
"سرشار" ڏِنو جن آهہ، گوشہ ۾ گذاري.

(ڪراچي 10- جون 1950ع)

غزل

عشق جو ورتم سبق، خود يار ٿي، اغيار ٿي،
گُل بہ ٿي، بُلبُل بہ ٿي، ويرانہ ٿي، گلزار ٿي.

عشق بنجي حُسن جو، خود رازدان بنجي پيس،
دل بہ ٿي، دلبر بہ ٿي، دلڪش بہ ٿي، دلدار ٿي.

تُرش روئي تُند خوئي جو، پَتو مون کي پيو،
خوبرو سان، روبرو ٿي، خوب خوش گفتار ٿي.

پاڻ پنهنجو ئي نياپو، پاڻ کي پهتو کير،
باز ٿي، پرواز ٿي، قاصد ڪبڪ رفتار ٿي.

ڪئن مسيحائي ٿئي ٿي، سو بہ مان سمجهي ويس،
درد ٿي، دارو بہ ٿي، ۽ ويج ٿي بيمار ٿي.

ويس وَيلي سر سئائي مون لَڌو پنهنجو پتو،
مَئَي بہ ٿي مينا بہ ٿي، ساغر بہ ٿي "سرشار" ٿي.

(ڪراچي 10- جون 1950ع)

غزل

هِي هوشربائي تنهنجي سوا، اي يارا پيارا ڪير ڪري،
دل چقمق وانگي، چِرندي ڦُرندي، پارا پارا ڪير ڪري.

ٿين هاڻ سياڻو ٿو بيحد، ڏِين منهنجي ڳالهين ڪي رد ڪد،
جَي دل نہ ڏتارڻ سان مقصد، اکڙين جا اِشارا ڪير ڪري.

ڪُجھ حُسن مٿي مغرور نہ ٿي، هي ڦِرندڙ گهرندڙ ڇانوَ اٿي،
اِن هوندي پيي سمجهي ۽ سُٺي، هِن حُسن تي آرا ڪير ڪري.

اي حُور شمائل، رشڪِ پري، هي بيپرواهي ڪنهن ڪي سَري،
ڪر دل وارن جي ٿَهَل ذري، نہ تہ نيھ نظارا ڪير ڪري.

ڇو جوڪي ۾ ڪو جان وِڃهي، ڪا نيار ڪُنن ۾ ڪير گهُڙي،
هِن ريت هٿن سان خود پنهنجي، برباد سهارا ڪير ڪري.

"سرشار" سلامت ميخانو، ساقي ٿئو پياري پيمانو،
جَي هو بہ ٿئي ڪُجھ بيگانو، سٿڙين جا سُتارا ڪير ڪري.

(ڪراچي 10- جون 1950ع)

غزل

سچڻ سهڻو صنم بنجي، خدا جو شان ٿو نڪري،
تہ منهنجي دل جو پڙ اچ، ڪونہ ڪو ارمان ٿو نڪري.

عجب سان آئينہ اڳيان ڏسي، ٿو يار ڪَرَ موڙي،
بُتِ ڪافر جي واتان ڪلمئہ "سبحان" ٿو نڪري.

اچي ٿو مدرسہ مان جو، پيو ٻاٽون ڏئي ٻاهر،
جو ميخانہ منجهان نڪري ٿو، سو مستان ٿو نڪري.

نظر آهي عجب مشڪلڪشا، پيرِ مُغان تُنهنجي،
جتي مشڪل ڪان مشڪل، مرحلو آسان ٿو نڪري.

اَسيرِ زلف ڪنهن ڪي، ٿو بنائي ڪو ڪري آجو،
نئون نت حُسن جي، دربار مان فرمان ٿو نڪري.

رُخِ روشن مٿان هو، زُلف پاسيرا ڪري بيٺو،
اجهو ڪڪرن منجهان، هاڻي مهرِ تابان ٿو نڪري.

زمرد ۽ عقيق آهن لبِ جانان جي وچ جڙيل،
ڪَرَو هِن ڪاڻ مان، يا قوت ۽ مرجان ٿو نڪري.

رکي اشعار ۾ تو هِي، عجب "سرشار" رنگيني،
ٿئي عنوان هڪ پورو، تہ ٻيو عنوان ٿو نڪري.

(ڪراچي جولاءِ 1950ع)

غزل

حُسن جو دل تي، نئون نـِت وار ٿيندو ٿو وڃي،
ڪارگر جو هو قدم، بيڪار ٿيندو ٿو وڃي.

داغِ دل زخمِ جگر، خونِ تمنا، ضبطِ غم،
جان کان بيزار هـِي، بيمار ٿيندو ٿو وڃي.

نا توانائي ڪيو، هـِي حال آخر ۾ اچي،
ڪنڌ پنهنجو پڻ ڪلهن تي، بار ٿيندو ٿو وڃي.

واٽ ويندي ٿو شڪاري گـُهور سان گهائل ڪَري،
تـِير اَبروءِ جو بـِہ دل جي، پار ٿيندو ٿو وڃي.

جت ڏسان ٿو يار جي، صورت اچي پيئي نظر،
جڻ تہ هر جائي سراسر، يار ٿيندو ٿو وڃي.

زخم ٿا رنگت مـَٽائن، جڻ ٽـِڙي ٿو گل نئون،
سوز ۾ سينو گـُل گـُلزار، ٿيندو ٿو وڃي.

المدد اي وحشتِ دل، المدد دستِ جـُنون،
چاڪ دامن ۽ گريبَان، تار ٿيندو ٿو وڃي.

ميڪده جَي در تي جـَو جـَريي پياسي ٿو پڇي،
ساقيا! تنهنجي هٿان، "سرشار" ٿيندو ٿو وڃي.

(ڪراچي 10- آڪٽوبر 1950ع)

غزل

اي دلِ نادان نہ هر ڪنهن، جُسن تي ديوانہ ٿي،
جو فريبِ حُسن ڪان بهتر اٿئي بيگانہ ٿي.

ڪر نہ هر جائي هميشہ هر طرف وارا وَٽا،
يا وسائي ڪو حَرَم يا زينتِ بتخانہ ٿي.

قابل سوزش بنائي پاڻ ڪي ٿي سرخرو،
شمع جي وَٽ ٿي بَرِي وج يا پَرِ پروانہ ٿي.

نينهن جي نَيزي چڙهي وج پوءِ ڏس ديدارِ يار،
"قصئہ منصور ٿي، يا طُور جو افسانہ ٿي.

مست چِشَمن جي نشي ڪان جا خطا ٿي، سا معاف،
عفوَ جي قابل هميشہ لغزشِ رندانہ ٿي.

پاڻ ساقي تو پياري پُر ڪيو "سرشار" ڪي،
مَئي بہ ٿي مِينا بہ ٿي، ساغر بہ ٿي ميخانہ ٿي.

(ادبي ڪانفرنس حيدآباد 10- نومبر 1950ع)

غزل

اهوئي ٿو ٿئي مون کي تعجب حالِ انسان تي،
پنيلجي ٿو وجي دنيا جي هرڪنهن ساز سامان تي.

جتي خطري ۾ آهي آشيانو باد و باران ۾،
ڇڪن چو عنادليب آهين ڦرائي دل گُلستان تي.

بجاءِ شمعدانن جي ٻَرنَ ٿا داغ سيني جا،
مڙئي شادماني منحصر آهي چراغان تي.

ڏسون ٿا پيو وَسي ڪاشانئہ اغيار تي بادل،
مگر کهڙي ميار آهي اسان جي ابرِ باران تي.

نکي هي جسم ئي جُهڪيو نہ دل مائل خدا ڏانهن ٿي!
رهيو قبضو حَسِينن جو سدائين جسم ۽ جان تي.

اگرچ، يار جا ابرو ٿيا منصور لئي سُوري،
اِنهي هوندي نچن عاشق ٿا هُن جي نوکِ مژگان تي.

نہ هو آبِ حيات جاودان پيتو سڪندر کي،
وجي پهتو اگرچہ هو ڪنارهٔ آب حيوان تي.

مچاٽان چنڊ تي لٽکي پيو کو نانگ ڪاريهر،
ٿيو دوکو مگر مونکي سڄڻ جي زلف پيچان تي.

سَهي سگهندو نہ کو "سرشار" جلوو يار جو هرگز،
رکي دعوا جو موسيٰ جئن اچي نکري سو ميدان تي.

(ٺٽو 17- اپريل 1951ع)

غزل

دنيا جي اي دل بيماري، جنهن کي هوندي تنهن کي هوندي،
پاڻ نہ ڇاڻون دنيا داري جنهن، کي هوندي تنهن کي هوندي.

دنيا جا جي ناز کڻن ٿا، ننڊ ڦٽي ٿي خواب ڏسن ٿا،
تات اِهائي طاري جاري، جنهن کي هوندي تنهن کي هوندي.

عشق اسان جو اوهي واهي، عشق اسان کي راهہ بتائي،
نعمت آهي عشق جي ياري، جنهن کي هوندي تنهن کي هوندي.

کانہ پڇا درويش رکن ٿا، کير اڇن ٿا کير وڃن ٿا،
تونگرن جي تابعداري، جنهن کي هوندي تنهن کي هوندي.

در در جيڪو آس رکي ٿو، پنڪي ٽلکي لوڏ جَهلَي ٿو،
عزت پنهنجي پاڻ پياري، جنهن کي هوندي تنهن کي هوندي.

گهوڙن تي کي گهوٽ گهمن ٿا، کنپ کٽي فرزاڻ اُڏن ٿا،
نفس مٿي حاصل هسواري، جنهن کي هوندي تنهن کي هوندي.

محشر مولا سخت سُجهي ٿو، تون نہ ڏکين پيو کير ڏکي ٿو،
پردہ پوشي پردہ داري، جنهن کي هوندي تنهن کي هوندي.

جام حقيقي جان جياري، ذاتر ٿو "سرشار" پياري،
خالق بخشي خاص خُماري، جنهن کي هوندي تنهن کي هوندي.

(ڪراچي 14- مئي 1951ع)

غزل

جمالِ يار هر شيءِ ۾ ڪري ٿو جلوه آرائي،
مگر محدود ۽ مستور آهي چشمِ بينائي.

خِرد لاچار آهي، فَلسفو مغلوب، دانش چپ،
ڏِسن ڇاڇا چَوَن ڇا سان نہ بينائي نہ گويائي.

نڪي فرش زمين جون وُسعتون ڪنهنجي نگاهن ۾،
نڪي جو لانگہ ڪنهنجِي بساطِ چرخِ مينائي.

نہ دل جي پَنڪِڙين ڇاتو طلسمِ رنگ و بُوءِ گُل،
نہ پاتي چشمِ حيرت لالہ و نرگس جي رعنائي.

اگر محرم ٿيڻ چاهين ٿي اي دل! رازِ فطرت جي،
تہ ٿي تون بزمِ مهرو ماهہ و انجم جِي تماشائي.

تلاشِ رنگ و بُو "سرشار" ڪٿي پوٽري ۽ مون گڏجي،
لَڌو ساقيءَ جو درمون ۽ گُلن جو هُو ٿيو شيدائي.

(ڪراچي 17- ڊسمبر 1951ع)

غزل

نَظَر جي شمشيرِ ناز چمڪي، تہ ڪار سازي اجا بہ ٿيندي،
پيار وارن جا سر سلامت، هي تيغ بازي اجا بہ ٿيندي.

نگهہ ملائڻ سان ناز واري، ڪيا سَوين دل جا ٽُڪرا ٽُڪرا،
خدا سلامت رکي نِگهہ کي، تہ دلنوازي اجا بہ ٿيندي.

اگرچہ محمود بعد ٻيهر نہ سومنات سَر ڪَيو ڪنهن،
غُرورَ جو بُت پَچَڙ گُهري ڪو، نہ فتحِ غازي اجا بہ ٿيندي.

نئو نمازي ٿِيڻ جو دل مان، رُڪوع سجدي جو ذوق هليو ويو،
جُهڪائَي دل کي تون پائي جهاتِي، تہ دل نمازي اجا بہ ٿيندي.

اگر بعد ق و يقين هو پير مُغان جي درَ تي پيو ئي رهندو،
تہ رندِ ميخانہ کَي ميسرَ مَئي حجازي اجا بہ ٿيندي.

نہ جيت جو آسرو ڪو آهي، نہ هار جي حد، نہ حوصلو ڪو،
مگرَ هِي "سرشار" آهہ دعوا، قماربازي اجا بہ ٿيندي.

(ڪراچي 10- مارچ 1952ع)

غزل

رونق فِزا چمن ۾ فصلِ بهار آهي،
جانِ بهار تنهنجو بس انتظار آهي.

گلشن ۾ گرچه آهن، غنچا، ڪَليون ۽ مُڪڙيون،
سينگار پر چمن جو هُو گلعذار آهي.

أي دِل ڏکي ڏکِي هل، بس پير پير ڪڻ تون،
ديِر وَحَرَم نه آهي هِي بزمِ يار آهي.

مُنهنجي ئي خط جا پُرزا قاصد ڏِئي چيو خط،
ايندو اجا مفصل، هي اختصار آهي.

أي حُسنِ ليليٰ، دل تنهنجسو گذر هو دل ۾،
سو قافلو هليو ويو ليڪن غبار آهي.

"سرشار" بي نياز پيوند آهيان مان،
دامن سان گڏ گريبان پي تار تار آهي.

(ڪراچي عيدالفطر 14- جون 1953ع)

غزل

اِئين وارد بزمِ جانان نه ٿي،
جُنون! هوش ڪر چاڪ دامان نه ٿي.

گُل ترُ آهي اجا تازگي،
سرِ شام شبنم تون گريان نه ٿي.

اَڃان ٿو تجلي تي پروانه وار،
مگر شمع تون برقِ سوزان نه ٿي.

زمانو ٿيو گرچه آسان طلب،
مگر تون ته اي عشقِ! آسان نه ٿي.

تون پنهنجي به ڪجهه قدر و قيمت سُڃاڻ،
پَٽئي حُسن، اي عشق! ارزان نه ٿي.

ٿِمائَي سَکهين ٿو جي "سرشار" نيڻ،
ته مِنت ڪَشِ ابرِ باران نه ٿي.

(ڪراچي 27- جون 1953ع)

غزل

نہ محفل آھہ سا محفل نہ جنھن ۾ يار ھُجي،
مگر ھُجي تہ ھُجي اِئين جو همڪنار ھُجي.

نہ ھار ھار ٿئي جو نہ دل جو ھار ھُجي،
نہ ٺار ٺار ٿئي جو نہ اک جو ٺار ھُجي.

نہ تِير تِير ڪو تيرِ نَظَر جو مَٽ آھي،
نہ تِير تِير ٿئي جو نہ دل جي پار ھُجي.

وصالِ يار جي اي دل نہ آرزو ڪر تون،
ڪَري سو جنھن ڪي قيامت جو انتظار ھُجي.

خُمار ڏين تہ أھو ڏي خمار اي ساقي،
جو قبر مان بہ أٿان تہ بہ اجا خمار هجي.

بھار مُنھنجي اي "سرشار" دلبھار جي وَس،
ٿيو ڇا باغِ جھان ۾ ڪٿي بھار هجي.

(ڪراچي 27- آڪٽوبر 1953ع)

غزل

ڪا گهڙي مون کي گوارا يار کان دوري نہ ٿي،
دل تي پٿر مون رکيا پر دور مجبوري نہ ٿي.

عاشقِ ناشاد جي دل، حسرتن جو هڪ مزار،
آرزو تي جان ڏيندي، آرزو پوري نہ ٿي.

پُور هڪ ۾ پَچ، اي دل، ڪثرت ڇڏي وحدت کي وٺ،
ٿي سِرُن جو هڪ بَنو ڪنپارَجي ڪُوري نہ ٿي.

سالڪن جي دل سِيهہ ماحول ۾ پاتم سفيد،
گرچہ گَمپَ ۾ ٿي رهي ڪاري نہ ٿي، پوري نہ ٿي.

يادِ ماضيءَ جا اڱيئي چاڪ ٿا دل ۾ چِڪن،
زخمِ تازه! تون چِڪڻ ڇڏ، تون تہ ناسوري نہ ٿي.

طُور تي پهنچي بہ ڪو موسيٰ جيان محروم هو،
دوست جي ديدار بِن ڪا دل کي مسروري نہ ٿي.

زلفِ مُشڪين سان پڄائي شرط! ڇا ڪنهن جي مجال!
ڪنڌَ لوڏي مُشڪ موٽي، پيش ڪستوري نہ ٿي.

ڪوثر و تسنيم جو وعدو بجا، پر اي خدا،
خُلد ۾ ڇا لطف، جي صُهباءِ انگوري نہ ٿي.

چشمِ نرگس، چشمِ غزالہ، جي ڪن تعريف ٿا،
سي ڏنم، پر اي نگاھہِ يار! مخموري نہ ٿي.

دل جو ٿيو نخلِ تمنا، گاھہ جئِن بيڪار وَلِ،
گل پري، ميوو پري، مُرڳو گجر مُوري نہ ٿي.

"ساموئيءَ" ۾ ڪيترا آيا "تماچي" تخت تي،
هاءِ! پر "ڪينجهر" ڪناري ڪا ٻہ ٻي نُوري نہ ٿي.

حُسن کي "**سرشار**" منهنجي شِعر سان شهرت ملي،
ڇا ٿيو جي شاعرن ۾ منهنجي مشهوري نہ ٿي.

(ڪراچي 25- اپريل 1954ع)

غزل

گُلِ رعنا نہ لُڏ، بادِ صبا ڪجھہ ٻيو ٻڌائي ٿي،
ادائي ناز کي اُن جي ادا ڪجھہ ٻيو ٻڌائي ٿي.

ڪنول آبِ روان ۾ ٿڙي مُرڪي، جُهلي، جُهومي،
مگر موجِ حياتِ بي بقا ڪجھہ ٻيو ٻڌائي ٿي.

تمنائي دل بيتاب آهي وصل جي جُويا،
مگر محبوب جي رَمز ۽ رضا ڪجھہ ٻيو ٻڌائي ٿي.

جُنون مُنهنجو رڳو چاڪ گريبان تي ئي خوش آهي،
گلن جي چاڪ صد پاره قبا ڪجھہ ٻيو ٻڌائي ٿي.

چوي ٿو عقل دردِ عشق جي دهشت کان ڪر توبہ،
مگر مون کي دلِ درد آشنا ڪجھہ ٻيو ٻڌائي ٿي.

گهڻا چنگيز و نادر جي ستم جا مون ٻُڌا قصا،
مگر تُنهنجي صنم طرزِ جَفا ڪجھہ ٻيو ٻڌائي ٿي.

عجب تشويش ۾ آهي مريضِ عشق جي حالت،
دوا ڪجھہ ٻيو ٻڌائي ٿي، قضا ڪجھہ ٻيو ٻڌائي ٿي.

سَرِجام، سِيَه ورزي، سِيَه ڪاري جا سَرَ آهن،
۽ ترتيبِ قبائي پارسا ڪجھہ ٻيو ٻڌائي ٿي.

گُهرڻ "سرشار" جا گُهرجي، اِهو خود آهي مشڪل ڪم،
لَبَن تي ڪُجھہ اَچي ٿو ۽ دعا ڪجھہ ٻيو ٻڌائي ٿي.

(ڪراچي 11- جولاءِ 1954ع)

غزل

دل ۾ وَسي نہ يار تہ سا دل نٿي رَهي،
مَحمِل، بغير لَيليٰ جي، محمل نٿي رَهي.

احسان تنهنجو آهہ اهو اي جمالِ دوست،
جو دل خيالِ غير ڏانهن مائل نٿي رَهي.

جيڪي ڏسن ٿا پاڻ ۾ جَهاتي وِجهي پرين،
تن جي نَظَر ۾ دُوريِ منزل نٿي رَهي.

لَڪَ اِهتمام ڇو نہ هُجن پر بغير يار،
محفل ٿِي جنهن کي چئجَي سا محفل نٿي رَهي.

اي هَجر تون ٿي باعثِ اُميدِ وصل آهين،
مشڪل ٿِئي مدام تہ مشڪل نٿي رَهي.

اي يادِ يار مُنهنجي نہ وس آهہ، ڇا ڪريان،
مان روڪيان ٿو دل کي مگر دل نٿي رَهي.

جيسين رَهي نظر جي نہ سامهون جمالِ دوست،
"سرشار" طَبع شِعر ڏانهن مائل نٿي رَهي.

(لاڙڪاڻو 10- اپريل 1955ع)

غزل

هزارين سُکَ، سِڄڻ جَي سوزَ، سِکَ، آزار تان صدقي،
هزارين تندرستيون بِرهہ جَي بيمار تان صدقي.

هزارين دولتون هڪ عاشقِ نادار تان صدقي،
سَوَين نوشيروان هڪ پرت جي پينار تان صدقي.

نڪي تسبيح تان صدقي نڪي زنار تان صدقي،
ٿين عاشق ٿا تُنهنجي گيسوئي خَمدار تان صدقي.

لکل هَو خال جو ڏاڏو مٿان هُئي دام زُلفن جي،
پَکيَڙي چار تَو اِهڙي، پَکي ٿيا چار تان صدقي.

ڪَيَو دل اعتبار اک تي، مگر دل کي تہ ماريو اک،
فدا گهر ٻار جنهن تان هو سائي گهر ٻار تان صدقي.

ڪَشَي تلوار اَبرو جي ڪري ٿو وار جو دلبر،
تہ سؤ سؤ وار مُنهنجو وار وار اُن وار تان صدقي.

گلاب و ڪيمخوابي اَطلَس آهن دلربا ليڪن،
گلابي ڪيمخوابي اَطلَسِي رُخسار تان صدقي.

وڃايان اُت اَکيون پنهنجون گُهمَي جنهن گَسَ مٿان سهڻو،
سيکن ٿا ديد، ٿين دلدار جَي ديدار تان صدقي.

جُهڪايا جنهن ٿي جادوگر سَو موسيٰ غَش ٿيو "سرشار"،
نگاهہِ يار جو جادو! نگاهہِ يار تان صدقي.

(لاڙڪاڻو 10- اپريل 1955ع)

غزل

ماسَ جا ٽُڪرا گھڻا پر دِل اُها جا دِل هُجي،
هڪ شفاف آئيني وانگر ديِد جي قابل هجي.

زخم کو ظاهر هجي جنهنجي ٿئي مرهم پٽِي،
سو ڪَري ڇا جو ڪَنهِين جي گُهورَ جو گهائل هجي.

سُونهن جي سرڪار جهڙِي ڪانه بي سرڪار سخت،
جِت محبت جو جَتائڻ ڏوهه ۾ داخِلُ هجي.

راهِ الفت ۾ رکڻ گُهرجي اِئَين ڦُوڪي قدم،
هر قدم ڄڻ مرحلو، هر وِکَ به ڄڻ منزل هجي.

لَيليٰ بَي پرده اي مَجنون نه ڏس ڇريو نه ٿي،
حُسنِ عالم سوز کي پردو هُجي، محمِل هُجي.

مُون جِيان جو موج گهيري وِچ هجي تنهن کي ٿي ڪَل،
ڇا بُجهي جنهن جو سَفِينو برلبِ ساحِل هجي.

هر ڪَنهين وٽ تون نه اي "سرشار" پنهنجو هٿ ڊِگهيڙ،
سو سچو سوالي جو سيد جي اڳيان سائِل هجي.

(ڪراچي 23- مئي 1955ع)

غزل

آزمايو مون اي ساقي همتِ مردانہ کي،
پر ڏِٺم افضل انهي کان جرئتِ رندانہ کي.

ڪوچئہ ليليٰ ۾ اي مجنون وَڃين تو هوش ڪر،
بهتر آهي رَوڪ پنهنجيَ وحشتِ ديوانہ کي.

سَر پڇاڙڻ يار جَي در تي گُهران تو باربار،
چُور ڪنديِ سَرَجي سَٽَ سنگِ درجانانہ کي.

رک وجي منهنجي سجڻ جو بُت پين جي اُوٹ ۾،
پوء بيشڪ ڏس برهمڻ شهرتِ بتخانہ کي.

پاڻ پروانن کي، ساڙي شَمع خود ويئي سڙي،
چا نہ قدرت جوت بخشيِ سوزشِ پروانہ کي.

افسري هوندي بہ اي سرشار نشوت ۾ گذار،
ڪا بقا ناهي ميسر شوڪتِ شاهانہ کي.

(ڪراچي 6- آگسٽ 1955ع)

غزل

چشم تر جو ٿِئي پَلو ڪيائين لُڙڪ نذرانا ٻہ ٽي،
بخش بَديون ٿيون سَوين پريا مون جُرمانا ٻہ ٽي.

پهہ پچڻ جو ڪيو پتنگن پڪ پچاڙيائون وَس ڪيائون،
پر ڄڀيءَ ڄيري ٻہ پهتا تن مان پروانا ٻہ ٽي.

ناز جي محلات غمزه جي دري آڏي نظر،
حُسن وارن جا اِهي آهن پريخانا ٻہ ٽي.

سَوَ سُکن سان آشنائيون عُمر جون آيا نہ ڪم،
ساڻ تن سورن ڏنو سمجهيم جي بيگانا ٻہ ٽي.

سُور سُمهندي آهنج اُٿندي اسَيتندي ليڙائيون،
سوڪڙيون سِڪ جون اچن ٿيون مون ڏي روزانا ٻہ ٽي.

لنئون لڳڻ ڌاران ارسطو ٿيو نہ افلاطون ٿيو،
سي هوا ديوانا جي سمجهيا ٿي ويا دانا ٻہ ٽي.

بعد مردن خانۂ ميخوار مان نڪتو اِهو،
هڪ صراحي چند پُرزار پيمانا ٻہ ٽي.

سِڪ هِي سرشاري ڏني جو اُڄ جا بُت اونڌا ٿيا،
المَدد اي عشق آهن ٻُڪ جا بتخانہ ٻہ ٽي.

الف لَيليٰ کي ڇڏي "سرشار" سڀ پڙهندا اِهي،
يار جي سِڪ جا لِکيئي جي اِهڙا افسانا ٻہ ٽي.

(صوفي فقير 10- مارچ 1956ع)

غزل

خدارا ڪَش وري مون ڏي اهو تيرِ نظر ساقي،
جو تَرڪش ٿي پوي منهنجي ڪمانِ چشمِ تر ساقي!

لبِ تشنہ سرِ پيمانہ مُمسڪ جيئن رکان ٿو تئين،
ڇڏيندو منهنجو سر هرگز نہ تنهنجو سنگِ در ساقي.

منقشِ ڪعبہءِ رُخ تي ڏنم آيات آبِ زر،
نہ پِيتم آبِ زمزم جي بجاءِ آبِ زر ساقي.

تلاشِ ميڪده آهي تلاشِ حق جي مترادف،
گھٽي مشڪل سان تنهنجو مون لڌو اڄ آهہ در ساقي.

لباسِ فقر ۾ ملبوس مستانن کي ڇا پياريئہ،
رکن ٿا جي سڪندر کان بہ وڌ هي ڪر و فر ساقي؟

ڪمالِ قطرهءِ مي جو ڇا اندازو ڪري ڪوئي،
نظامِ عقل و هوش آهي جتي زير و زبر ساقي.

عجب آهي پري تائين سخا جو هٿ ڊگھيرين ٿو،
رڳو جي در جهلي بيٺا ٿيا سي بهره ور ساقي.

مليم جو گوهرِ مقصود همرنگِ مئي گلگون،
نہ چو تو گھوٽ تان گھوري ڇڏيان لعل و گُهر ساقي.

پري کان ڏي نگاهِ نازمان "سرشار" کي سُرڪي،
سرِ ميخانہ آهي ميڪشن جو شور و شر ساقي.

Soorih Mirani

ديوان سرشار

شاعري پاڪيزه جذبن جي هڪ منظوم تاريخ آهي. جذبا رڳو خالي ۽ بي معنيٰ احساس نہ ٿيندا آهن. پر انهن احساسن ۾ هڪ پوري ڪائنات سمايل هوندي آهي ۽ اُن ڪائنات جا موضوع احساسن ڪان ٻاهر واري ڪائنات ڪان الڳ الڳ نہ هوندا آهن. پر اهي ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان هڪٻئي سان لاڳاپو رکن ٿا. شاعر اهو تاريخدان آهي. جيڪو انهن ٻنهي ڪائناتن جا تسلسل پاڻ ۾ ملائيندڙ آهي. شاعر بہ انساني جذبن ۽ احساسن ۾ ٿيندڙ نت نين تبديلين ۽ واقعن کي هڪ تسلسل ۽ پيرايي ۾ محفوظ ڪري ٿو ۽ مؤرخ بہ ماضيءَ جي وساريل واقعن ۽ حالتن کي نت نَين کوجنائن ذريعي حاصل ڪري انهن کي تاريخ جي هڪ تسلسل سان بيان ڪري ٿو. انهيءَ خيال کان هڪ تاريخدان ۽ شاعر جو مرتبو ساڳيو ٻيهي ٿو.

ان تسلسل ۾ اسان جڏهن 'ديوان سرشار' جو مطالعو ڪنداسين، تہ مٿي بيان ڪيل تمهيد اجائي محسوس نہ ٿيندي، ڇو تہ 'ديوان سرشار' ۾ شاعر "الله بخش سرشار عقيلي" انساني جذبن ۽ احساسن جي تاريخ نهايت بهتر ۽ دلپذير انداز ۾ رقم ڪئي آهي، جو مٿي بيان ڪيل تمهيد جو هڪ پختو دليل پئي فراهم ڪري. 'ديوان سرشار' ۾ پيش ڪيل شاعري بہ تاريخ جي موضوع وانگر ڪيترن ئي دورن جو هڪ دستاويز ۽ نچوڙ آهي، جنهن کي شاعر الله بخش سرشار عقيلي تمام پيار ۽ پاٻوهہ سان لکي تيار ڪري، نہ رڳو سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ وڏيڪ 'ديوان' جو اضافو ڪيو آهي، بلڪ شاعرائي تاريخ ۾ هڪ بيش بها ڪتاب جو اضافو بہ ڪيو آهي. اميد ٿي ڪجي تہ هي ڪتاب پڙهندڙن وٽ مانُ لهندو.

- اعجاز احمد منگي

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوڀو وهه اوبار

صاحب خان ”سورهه“ ميرائي

Cell No: 0344 3919786

0300 3404488